القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ

پوءِ ڪير | ان ڪان وڌو ظالم آهي جنهن | ڪوڙ هنيو | الله تي | ۽ | ڪوڙو ڪيائين

پوءِ اُن ڪان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جنهن الله تي ڪوڙ ناهيو ۽ جڏهن سچو دين وٽس آيو

بِالصِّدْقِ إِذْ جَاءَهُ ۚ أَلَيْسَ فِي جَهَنَّمَ مَثْوًى لِلْكَافِرِينَ ﴿٣٢﴾

سچ کي | جڏهن آيو ان وٽ، | ڇا ناهي | دوزخ ۾ | جاءِ رهڻ جي | ڪافرن لاءِ

(تڏهن) انکي ڪوڙ ڄاتائين؟ ڪافرن جي جاءِ دوزخ ۾ نه آهي ڇا؟

وَالَّذِي جَاءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهِ ۙ أُولَٰئِكَ هُمُ

۽ جنهن | آندي | سچي ڳالهه | ۽ سچو سمجهيائين | انکي | اهي | ئي

۽ جنهن سچو دين آندو ۽ (جنهن) کيس سچو ڄاتو، اِهي ئي پرهيزگار آهن.

الْمُتَّقُونَ ﴿٣٣﴾ لَهُمْ مَا يَشَاءُونَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ ذَٰلِكَ جَزَاءُ

خوف رکندڙ آهن. | انهن لاءِ آهي جيڪي | گهرن | پنهنجي رب وٽ، | اهو | بدلو آهي

جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ آهي، ڀلارن جو بدلو اهو آهي.

الْمُحْسِنِينَ ﴿٣٤﴾ لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ أَسْوَأَ الَّذِي عَمِلُوا

ڀلارن جو. | جيئن ميساري | الله | انهن ڪان | بڇڙا ڪم | جيڪي | ڪيائون

تہ جيڪي بڇڙا ڪم ڪيائون سي الله کانئن ميٽي ۽ جيڪي چڱا

وَيَجْزِيَهُمْ أَجْرَهُمْ بِأَحْسَنِ الَّذِي كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٣٥﴾

۽ عطا ڪري انهن کي | سندن اجورو | عوض ان سٺي ڪم جي | جو ڪندا هئا.

ڪم ڪندا هئا تن بابت سندن (چڱو) اجورو کين بدلي ۾ ڏئي.

أَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهُ ۖ وَيُخَوِّفُونَكَ بِالَّذِينَ مِنْ

ڇا ناهي | الله | ڪافي | پنهنجي ٻانهي لاءِ، | ۽ اهي ڊيڄارين ٿا توکي | ٻين کان | انهيءَ

الله پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي ڪافي نہ آهي ڇا؟ ۽ الله کان سواءِ جيڪي (ٻيا) آهن، تن کان توکي

دُونِهِ ۚ وَمَنْ يُضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهُ مِنْ هَادٍ ﴿٣٦﴾ وَمَنْ يَهْدِ

کان سواءِ. | ۽ جنهن جي | راهه وڃائي | الله | پوءِ ناهي انکي | ڪو رستو ڏيکاريندڙ. | ۽ جنهن کي | راهه ڏيکاري

ڊيڄاريندا آهن ۽ جنهن کي الله ڀُلائي، تنهن کي ڪو هدايت ڪرڻ وارو نہ آهي. ۽ جنهن کي الله هدايت

اللّٰهُ فَمَا لَهُ مِنْ مُضِلٍّ ۗ أَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيزٍ ذِي انْتِقَامٍ ﴿٣٧﴾

الله | پوءِ ناهي ان لاءِ | ڪو ڀلائيندڙ. | ڇا ناهي | الله | زبردست | بدلي وٺڻ وارو.

ڪري تنهن کي ڪو ڀُلائڻ وارو نہ آهي. الله غالب بدلي وٺڻ وارو نہ آهي ڇا؟

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ
جي پچندين انهن کان ته ڪنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ضرور چوندا
۽ (اي پيغمبرا) جيڪڏهن ڪائڻ پڇين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو آهي؟ ته ضرور چوندا ته، الله! (پوءِ ڪين)

اللّٰهُ ط قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِيَ
الله. چؤ ڇا پوءِ خبر ڏيو جن کي پڪاريو ٿا سواءِ الله جي جيڪڏهن گهري مونکي
چئو ته، الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو، تن کي ڏسو (ته سهي) جيڪڏهن الله مون کي ڪا سختي (پهچائڻ) گهري

اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ
الله نقصان ڏيڻ ڇا اهي آهن ٽاريندڙ ان جو نقصان يا اهو چاهي مون لاءِ ڪا رحمت ڇا
ته اهي اُن جي (پهچايل) سختيءَ جي لاهڻ وارا آهن ڇا؟ يا مون کي ڪو سک (پهچائڻ) گهري ته اهي (بت)

هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ط قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ط عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ
اهي جهليندڙ آهن ان جي رحمت کي، چؤ ڪافي آهي مونکي الله، انهيءَ تي ئي ڀروسو ڪن ٿا
سندس (پهچايل) سک جي بند ڪرڻ وارا آهن ڇا؟ (تون ڪين) چئو ته مون کي الله ڪافي آهي، ڀروسي ڪندڙ مٿس (ئي)

الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۳۸﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ج
ڀروسو ڪندڙ. چؤ اي منهنجي قوم توهان ڪم ڪريو پنهنجي جاءِ تي مان بہ ڪم ڪندڙ آهيان.
ڀروسو ڪندا آهن. (ڪين) چئو ته، اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجيءَ جاءِ تي عمل ڪريو بيشڪ آءٌ (بہ پنهنجيءَ جاءِ تي)

فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ لا مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ
پوءِ اجهو ڄاڻندؤ. ته ڪنهن ٿي اچي ٿو عذاب جو خوار ڪري ان کي ۽ پوي ٿو ان تي
عمل ڪندڙ آهيان، پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ، ته ڪنهن تي (اُهو) عذاب اچي ٿو جو کيس خوار ڪندو ۽ مٿس

عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۴۰﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ج
عذاب دائمي. بيشڪ اسان لاٿوسون توتي ڪتاب ماڻهن لاءِ حق سان.
هميشه جو عذاب لهي ٿو. بيشڪ، اسان توتي ڪتاب ماڻهن لاءِ سچ سان لاٿو، پوءِ جيڪو هدايت وارو

فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ج وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ج
پوءِ جيڪو هدايت وٺندو ته پنهنجي ڀلي لاءِ، ۽ جيڪو گمراهه ٿيو ته رڳو گمراهه ٿيندو پاڻ لاءِ.
ٿيو سو خاص پنهنجي (فائدي) لاءِ ۽ جيڪو گمراهه ٿيو سو رڳو پنهنجي (نقصان) لاءِ گمراهه ٿئي ٿو

وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۴۱﴾ ع اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ الربع
۽ نہ آهين تون انهن جو ذميوار. الله پورو ڪري وٺي ٿو جيئرن کي سندن
۽ تون مٿن ڪو ذميوار نہ آهين. الله ماڻهن جا روح سندن مرڻ جي مهل ڪيندو آهي ۽ جيڪو نہ مئو آهي

مَوْتِهَا وَالَّتِىْ لَمْ تَمُتْ فِىْ مَنَامِهَا ج فَيُمْسِكُ الَّتِىْ قَضٰى

مرڻ مهل | ۽ جيڪي | نہ مُئا | تن کي سندن ننڊ ۾ | پوءِ روڪي ٿو | انکي حڪم ڪيائين

(تنهن جو روح) سندس ننڊ (جي حالت) ۾ (ڪيندو آهي) پوءِ جنهن تي موت جو حڪم ڪيو اٿس، تنهن کي

عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَيُرْسِلُ الْاُخْرٰٓى اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ط اِنَّ

جنهن تي | موت جو | ۽ | ڇڏي ٿو | ٻئي کي | وقت | مقرر تائين. | بيشڪ

جهليندو آهي ۽ ان ٻئي کي هڪ مقرر مدت تائين ڇڏيندو آهي. بيشڪ هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ

فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ

انهيءَ ۾ | نشانيون آهن | قوم لاءِ | جيڪي سوچن ٿا. | ڇا | بڻايا اٿن | الله کانسواءِ

نشانيون آهن، جيڪي سوچيندا آهن. الله کان سواءِ ٻيا شفاعت ڪرڻ وارا ورتا اٿن ڇا؟ (ڪين)

اللّٰهِ شُفَعَآءَ ط قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٣﴾

شفاعت دار، | چؤ | ڇا جيتوڻيڪ | اهي | نہ مالڪ ٿين ٿا | ڪنهن شيءِ جا | ۽ نڪي عقل رکن ٿا.

چئو تہ، جيتوڻيڪ اهي نڪي ڪجهه اختيار رکندا هجن ۽ نڪي سمجهندا هجن (تہ بہ شفاعت ڪندا ڇا؟)

قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ط لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط

چؤ | الله وٽ ئي آهي | ڇوٽڪارو | سمورو، | انجي آهي حڪومت | آسمانن | ۽ | زمين تي،

(ڪين) چئو تہ، سڀ شفاعت الله جي (وس) آهي، آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي (اوهين) وري

ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَاِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ

پوءِ | انهيءَ ڏانهن | موٽايا ويندؤ. | ۽ جڏهن نالو ورتو ويچي | الله | اڪيلو جو تہ | مُنجهي وڃن ٿيون | دليون

ڏانهس موٽائبو. ۽ جڏهن اڪيلي الله (جي نالي) کي ياد ڪبو آهي (تڏهن) جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ ج وَاِذَا ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ

انهن جون جيڪي | نہ | ٿا يقين ڪن | آخرت جو، | ۽ جڏهن نالو وٺجي | الله کانسواءِ ٻين جو

تن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن الله کان سواءِ ٻين کي ياد ڪبو آهي، تڏهن انهيءَ

اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٥﴾ قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

تہ ان وقت اهي | خوش ٿين ٿا. | چؤ | اي الله | پيدا ڪندڙ | آسمانن | ۽ | ڌرتيءَ جا

ئي مهل اهي سرها ٿيندا آهن. (اي پيغمبر!) چئو تہ، اي الله آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ!

عٰلِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِىْ مَا

ڄاڻندڙ ڳجهہ | ۽ | ظاهر جا | تون ئي | فيصلو ڪندين | پنهنجي ٻانهن ۾ | جنهن شيءِ ۾

ڳجهہ ۽ ظاهر جا ڄاڻندڙ! تون ئي پنهنجن ٻانهن جي وچ ۾ جنهن (ڳالهہ) بابت (اهي) جهڳڙو ڪندا رهيا

كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا فِي الْاَرْضِ

اهي اختلاف ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن هجي ظالمن کي اهو جيڪو ڌرتيءَ ۾ آهي

(تنهن بابت) نبيرو ڪندين. ۽ جيڪي زمين ۾ (مال) آهي سو سيئي ۽ اُن جيترو ٻيو ساڻس جيڪڏهن ظالمن

جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ

سمورو ۽ اُن جيترو ٻيو پڻ تہ جيڪر عوض ۾ ڏين ها انکي بڇڙي عذاب کان قيامت

کي هجي (تہ جيڪر) اهو قيامت جي ڏينهن بڇڙي عذاب کان (بچڻ لاءِ) بدلو ڏئي ڇڪن (تہ بہ ڪانئن عذاب

الْقِيٰمَةِ ؕ وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ ﴿٤٧﴾

ڏينهن. ۽ ظاهر ٿيو انهن لاءِ الله جي طرفان اهو جنهن جو گمان بہ نہ ڪندا هئا.

ٽري نہ سگهندو) ۽ الله جي طرف کان اهڙو (معاملو) انهن لاءِ ظاهر ٿيندو جنهن جو گمان (ئي) نہ رکندا هئا.

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ

۽ ظاهر ٿيون انهن لاءِ برايون جيڪي ڪمايائون ۽ پئجي ويو انهن تي اهو جنهن تي

۽ جيڪي بڇڙايون ڪمايون هيائون سي انهن لاءِ ظاهر ٿينديون ۽ جنهن سزا جون ٺٺوليون ڪندا هئا، سا کين وڪوڙي ويندي.

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٤٨﴾ فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ؗ ثُمَّ اِذَا خَوَّلْنٰهُ

ٺٺوليون ڪندا هئا. پوءِ جڏهن پهچي ٿي ماڻهو کي ڪا تڪليف تہ سڏي ٿو اسان کي، پوءِ جڏهن عطا ڪريون ٿا ان کي

پوءِ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي (تڏهن) اسان کي سڏيندو آهي، وري جڏهن ان کي پاڻ وٽان ڪا نعمت

نِعْمَةً مِّنَّا ۙ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ ؕ بَلْ هِيَ فِتْنَةٌ

نعمت پنهنجي چوي ٿو رڳو اهو مليو آهي مونکي سمجهہ تي، پر اها پرکا آهي

ڏيندا آهيون (تڏهن) چوندو آهي تہ، اها رڳو پنهنجيءَ ڄاڻ سان (جا، مون ۾ آهي) مون کي ڏني وئي آهي (ائين نہ آهي) بلڪ اُها

وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ

پر ڪيترائي انهن جا نہ ٿا سمجهن. بيشڪ اڳين چيو هو انهن جيڪي

(نعمت) آزمائش آهي، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن. بيشڪ ڪانئن اڳين (بہ) اها (ڳالهہ) چئي هئي،

قَبْلِهِمْ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ فَاَصَابَهُمْ

ڪانئن اڳ هئا پوءِ نہ ڪم آيو انهن کي اهو جيڪي ڪمايائون. پوءِ پهتيون انهن کي

پوءِ جيڪي (ڪرتوت) ڪيائون ٿي، تن ڪانئن ڪجهہ بہ (مصيبت) نہ ٽاري. پوءِ جيڪي ڪمايائون تنهن

سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ؕ وَالَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَآءِ سَيُصِيْبُهُمْ

عقوبتون سندن ڪمائي جون، ۽ جيڪي ظالم ٿيا انهن (مڪي وارن) مان اجهو پهچنديون انهن کي

جون بڇڙايون کين پهتيون ۽ هنن مان (بہ) جيڪي ظالم آهن، تن جيڪي ڪمايو، تنهن جون بڇڙايون کين

سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ؕ وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۱﴾ اَوَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ

سزائون سندن ڪمائي جون ۽ ناهن اهي عاجز ڪندڙ. ڇا انهن نہ ڄاتو هو تہ

(هاڻي) سگهوئي پهچنديون ۽ اهي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن. نہ ڄاتو اٿن ڇا تہ الله جنهن لاءِ گهرندو آهي،

اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

الله ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ڪري ٿو، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن

(تنهن جي) رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي) گهٽ ڪندو آهي؟ بيشڪ! هن (ڪم) ۾

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ع۵

ماڻهن لاءِ جيڪي يقين ڪن. چؤ (منهنجي پاران) اي منهنجا ٻانهو! جن زيادتي ڪئي پاڻ تي

انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ايمان آڻيندا آهن. (منهنجي طرفان انهن کي) چئو تہ، اي منهنجا اُهي ٻانهو جن

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ

توهان آسرو نہ لاهيو الله جي رحمت مان، بيشڪ الله بخشي ٿو گناهہ سمورا،

پاڻ تي ظلم ڪيو! (اوهين) الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو، ڇو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي،

اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ

بيشڪ اهوئي بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ موٽو پنهنجي رب ڏانهن ۽ فرمانبردار ٿيو انهيءَ جا

بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي. ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن ورو ۽ ان کان اڳي سندس فرمان بردار ٿيو

مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَاتَّبِعُوْٓا

هن کان اڳي جو اچي توهان تي عذاب پوءِ نہ مدد ڪيا ويندؤ ۽ تابع ٿيو

جو اوهان وٽ عذاب اچي (۽) وري مدد نہ ڏجيوَ. ۽ اوهان جي پالڻهار کان اوهان ڏانهن

اَحْسَنَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ

سٺي شيءِ کي جا نازل ڪئي وئي توهان ڏانهن توهان جي پروردگار کان اڳي جو اچي توهان تي

جيڪا بلڪل چڱي شيءِ نازل ڪئي ويئي آهي، تنهن جي انهيءَ کان اڳ تابعداري ڪريو جو اوهان وٽ

الْعَذَابُ بَغْتَةً وَّاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ اَنْ تَقُوْلَ نَفْسٌ

عذاب اوچتو ۽ توهان کي خبر ئي نہ پوي، متان چوي ڪوئي

اوچتو عذاب اچي ۽ اوهين بيخبر هجو. (انهيءَ ڪري خدا ڏانهن مهاڙ ڪريو ۽ قرآن جي تابعداري ڪريو) تہ متان

يّٰحَسْرَتٰى عَلٰى مَا فَرَّطْتُّ فِيْ جَنْۢبِ اللّٰهِ وَاِنْ كُنْتُ لَمِنَ

هاءِ افسوس ان تي جو گهٽتائي ڪيم الله جي حق ۾ ۽ مان هيس مسخري

ڪو بہ جيءُ چوي تہ هاءِ ارمان! جو الله جي دين ۾ سستي ڪيم ۽ بيشڪ (آءٌ تہ) ٺٺولين ڪرڻ

السّٰخِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ لا اَوْ تَقُوْلَ لَوْ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰىنِيْ لَكُنْتُ مِنَ

كندڙن مان. يا متان چوي ڪوئي جيڪر الله هدايت ڪري ها مونکي ته هجان ها

وارن مان هوس. يا چوي ته، جيڪڏهن الله مون کي هدايت ڪري ها ته ضرور پرهيزگارن مان

الْمُتَّقِيْنَ ﴿٥٧﴾ لا اَوْ تَقُوْلَ حِيْنَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ اَنَّ لِيْ كَرَّةً

پرهيزگارن مان. يا متان چوي ڪوئي جنهن وقت ڏسي عذاب جيڪر ٿئي منهنجو موٽي وڃڻ

ٿيان ها. يا جڏهن عذاب ڏسي تڏهن چوي ته جي منهنجو هيو ڦيرو (دنيا ۾ وڃڻ) ٿئي ته جيڪر

فَاَكُوْنَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ بَلٰى قَدْ جَآءَتْكَ اٰيٰتِيْ فَكَذَّبْتَ

ته ٿيان نيڪي ڪندڙن مان. هائو يقينن آيون تو وٽ آيتون منهنجيون پوءِ ڪوڙو ڪيو

ڀلارن مان ٿيان! (چئبس ته) هائو! بيشڪ تو وٽ منهنجيون نشانيون آيون هيون، پوءِ انهن کي ڪوڙ ڄاتئي

بِهَا وَاسْتَكْبَرْتَ وَكُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٩﴾ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ تَرَى

تو انهن کي ۽ آڪڙ ڪئي تو ۽ هئين منڪرن مان. ۽ قيامت ڏينهن ڏسندين تون

۽ وڏائي ڪيئي ۽ ڪافرن مان ٿئين! ۽ قيامت جي ڏينهن تون انهن کي ڏسندين جن الله

الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلَى اللّٰهِ وُجُوْهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ ط اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ

جن ڪوڙ هنيو الله تي منهن انهن جا ڪارا، ڇا نه آهي دوزخ ۾

تي ڪوڙ ٻڌو ته سندن منهن ڪارا ٿيل هوندا. وڏائي ڪندڙن جي جاءِ دوزخ ۾ نه آهي ڇا؟

مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٦٠﴾ وَيُنَجِّى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ ز

جاءِ رهڻ جي وڏائي ڪندڙن لاءِ. ۽ بچائيندو الله پرهيزگارن کي سندن مراد موجب

۽ جن پرهيزگاري ڪئي، تن کي الله سندن ڇوٽڪاري جي هنڌ ۾ (دوزخ کان) بچائي پهچائيندو

لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦١﴾ اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ز

نه پهچندي انهن کي تڪليف ۽ نکي اهي ڏکارا ٿيندا. الله پيدا ڪندڙ آهي هر شيءِ کي،

نکي کين ڪا مدائي پهچندي ۽ نکي اهي غمگين ٿيندا. الله (ئي) سڀڪنهن شيءِ جو خلقيندڙ آهي

وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿٦٢﴾ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ

۽ اهو هر شيءِ تي نگهبان آهي. انهيءَ وٽ آهن ڪنجيون آسمانن

۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ جي سنڀال ڪندڙ آهي. آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون انهيءَ

وَالْاَرْضِ ط وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٣﴾ ع ۶ ع ۱۱ ۲

۽ زمين جون. ۽ جن ڪفر ڪيو الله جي آيتن جو اهي ئي نقصان وارا آهن.

وٽ ئي آهن ۽ جن الله جي نشانين جو انڪار ڪيو، اهي ئي خساري وارا آهن.

قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدْ

چؤ الله کان سواءِ ڇئو تا مونکي عبادت ڪريان ٻئي جي اي جاهلو! يقينن

(ڪين) ڇئو ته اي بي عقلو! مون کي (هيءُ) حڪم ڪندا آهيو ڇا ته الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي عبادت ڪريان؟ ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ

اُوْحِيَ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ

حڪم موڪليو ويو توڏانهن ۽ توکان اڳين ڏانهن، ته جيڪڏهن تو شرڪ ڪيو ته ضرور رد ٿيندو

توڏانهن وحي ڪيو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (ٿيا پيغمبر) هئا تن (هرهڪ) ڏانهن (به)، ته جيڪڏهن (الله سان ڪو) شريڪ مقرر ڪندين ته

عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ

عمل تنهنجو ۽ ضرور ٿيندين نقصان وارن مان. بلڪ الله جي ئي پوڄا ڪر ۽ هج

تنهنجا عمل ضرور ناس ٿيندا ۽ ضرور ٽوٽي وارن مان ٿيندين. (نه!) بلڪ رڳو الله جي عبادت ڪر ۽

مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ۖ وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا

شڪر گذارن مان. ۽ نه قدر ڪيائون الله جو سندس قدر آهر، هوڏانهن زمين هوندي سموري

شڪر ڪرڻ وارن مان هج. ۽ (اُنهن) الله جي جيئن سندس (سڄاڻڻ جو) حق آهي، (تيئن) نه سڃاتو ۽ قيامت جي ڏينهن

قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ ۭ سُبْحٰنَهٗ

ان جي مٺ ۾ قيامت ڏينهن ۽ آسمان ويڙهيل ان جي ساڄي ۾، اهو پاڪ آهي

ساري زمين سندس مٺ ۾ هوندي ۽ آسمان سندس سڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا. اُهو پاڪ آهي

وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ

۽ مٿانهون آهي انهن کان جنکي شريڪ ڪن ٿا. ۽ ڦوڪيو ويندو ڪرناءِ ۾ پوءِ بيهوش ٿيندا جيڪي

۽ اُنهيءَ کان مٿانهون آهي، جيڪي ساڻس شريڪ ٺهرائيندا آهن. ۽ (پهريون ڀيرو) صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ جيڪو به

فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ۭ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ

آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن مگر جنهن کي گهري الله، پوءِ ڦوڪيو ويندو ان ۾

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو به زمين ۾ آهي سو (سڀڪو) مرندو پر جنهن لاءِ الله گهريو (سو نه.) وري اُن ۾ ٻيو

اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ

ٻيهر پوءِ اوچتو اهي اٿي بيهندا پيا ڏسندا. ۽ چمڪي پوندي ڌرتي نور سان

ٻيو ڦوڪبو ته اوچتو اُٿي (پيا) ڏسندا. ۽ زمين پنهنجي پالڻهار جي نور سان روشن ٿيندي

رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ وَجِايْٓءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَالشُّهَدَاۗءِ وَقُضِيَ

پنهنجي رب جي ۽ رکيو ويندو دفتر ۽ آڻبو نبين ۽ شاهدن کي ۽ فيصلو ٿيندو

۽ (عملن جو) ڪتاب رکبو ۽ پيغمبرن ۽ شاهدن کي آڻبو ۽ سندن وچ ۾ حق سان فيصلو

بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا
انهن جي وچ ۾ حق سان ۽ اهي نه ظلم ڪيا ويندا. ۽ پورو ڏنو ويندو هر شخص کي جيڪي
ڪبو ۽ انهن تي ظلم نه ڪبو. ۽ سڀڪنهن ماڻهوءَ جيڪي ڪمايو. تنهن جو پورو بدلو ڪيس ڏبو

عَمِلَتْ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٠﴾ ع وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى
عمل ڪيائين ۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. ۽ هڪليا ويندا ڪافر
۽ جيڪي ڪندا آهن. تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي. ۽ ڪافرن کي ٽوليون ٽوليون ڪري دوزخ ڏانهن هڪاليو.

جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ
دوزخ ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري، نيٺ جڏهن ايندا اتي کوليا ويندا دروازا ان جا ۽ چوندا انهنکي
تان جو جڏهن اتي پهچندا (تڏهن) ان جا دروازا کولبا ۽ ان جا داروغا کين چوندا ته. اوهان مان

خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ
چوڪيدار انهيءَ جا ڇا نه آيا توهان وٽ ڪي رسول توهان مان جو پڙهي ٻڌائن توهان کي آيتون توهان جي رب جون
اوهان وٽ ڪي پيغمبر نه آيا هئا ڇا؟ جو اوهان کي اوهان جي پالڻهار جون آيتون پڙهي ٻڌائين

وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ
۽ ڊيڄارين توهان کي توهان جي هن ڏينهن جي پيش اچڻ کان، چوندا هائو پر ثابت ٿيو ٻول
۽ اوهان کي هن ڏينهن جي پيش اچڻ کان ڊيڄارين. چوندا ته، هائو! (آيا هئا ڊيڄاريو به هئائون) پر ڪافرن تي عذاب

الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧١﴾ قِيْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ
عذاب جو ڪافرن تي. حڪم ٿيندو گهڙو دوزخ جي دروازن مان هميشه رهندؤ
جو حڪم ثابت ٿيو آهي. (پوءِ انهن کي) چئبو ته دوزخ جي دروازن مان گهڙو منجهس سدائين رهندڙ آهيو پوءِ وڏائي

فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٧٢﴾ وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ
اتي، پوءِ بڇڙي آهي جاءِ وڏائي ڪندڙن جي. ۽ روانا ڪيا ويندا اهي جيڪي ڊڄندا هئا پنهنجي رب کان
ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي!. ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا، سي ٽوليون ٽوليون ڪري بهشت ڏانهن

اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ
جنت ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري آخر جڏهن ايندا اتي ۽ کوليا ويندا دروازا ان جا ۽ چوندا
روانا ڪبا. تان جو جڏهن اتي ايندا ۽ وري ان جا دروازا کولبا ۽ ان جا داروغا کين چوندا

لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ ﴿٧٣﴾ وَقَالُوا
کين چوڪيدار ان جا سلامتي آهي توهان تي خوش هجو پوءِ داخل ٿيو ان ۾ هميشه رهڻ لاءِ. ۽ هي چوندا
ته اوهان تي سلام هجي، اوهين (هاڻي) خوش رهو پوءِ منجهس هميشه رهڻ لاءِ گهڙو. ۽ چوندا ته.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَاَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ
سڀ تعريفون الله جون آهن جنهن پاڙيو اسان سان انجام پنهنجو ۽ مالڪ ڪيائين هن زمين جو رهنداسون
سڀ ساراهه انهيءَ الله کي جڳائي، جنهن پنهنجو انجام اسان سان پورو ڪيو ۽ اسان کي (هن) زمين جو وارث ڪيائين.

مِنَ الْجَنَّةِ حَیْثُ نَشَآءُ ۚ فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِیْنَ ﴿٧٤﴾ وَتَرَى
جنت ۾ جتي چاهيون، پوءِ سٺو آهي اهو اجورو عمل ڪندڙن جو ۽ ڏسندين تون
بهشت مان جتي وڻندو اتئون اتي جڳهه وٺون ٿا. پوءِ عمل ڪندڙن جو اجر (ڪهڙو نه) چڱو آهي. ۽ ملائڪن کي

الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّیْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ یُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ۚ
ملائڪن کي گهيرو ڪندڙ چوڌاري عرش جي پاڪائي بيان ڪندا پنهنجي رب جي ساراهه سان.
عرش جي چوڌاري وڪوڙيندڙ ڏسندين پنهنجي پالڻهار جي ساراه سان گڏ پاڪائي بيان ڪندا آهن

وَقُضِیَ بَیْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَقِیْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٧٥﴾ ع ٨ ٥ ٥
۽ فيصلو ڪبو انهن جي وچ ۾. انصاف سان ۽ چيو ويندو سڀ ساراهه الله لاءِ آهي جو پالڻهار جهانن جو آهي.
۽ انهن جي وچ ۾ انصاف جو حڪم ڪبو ۽ (آخر ۾) چيو ويندو ته سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي.

سُوْرَةُ الْمُؤْمِنِ مَكِّيَّةٌ ‏ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ‏ اٰیَاتُهَا ٨٥ رُكُوْعَاتُهَا ٩

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِیْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِیْزِ الْعَلِیْمِ ﴿٢﴾ غَافِرِ
حم. نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست علم واري کان. بخشيندڙ
حم (هن) ڪتاب جو (هيٺ) لاهڻ الله غالب ڄاڻندڙ وٽان آهي. جو گناه بخشيندڙ

الذَّنْبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِیْدِ الْعِقَابِ ۙ ذِی الطَّوْلِ ؕ لَآ اِلٰهَ
گناهه جو ۽ قبوليندڙ توبهه جو سخت سزا ڏيندڙ صاحب انعام جو، ناهي ڪو به حاڪم
۽ توبهه قبول ڪندڙ سخت سزا ڏيندڙ وڏيءَ سگهه وارو آهي. ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي.

اِلَّا هُوَ ؕ اِلَیْهِ الْمَصِیْرُ ﴿٣﴾ مَا یُجَادِلُ فِیْٓ اٰیٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِیْنَ
پر اهو، ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي. نه ٿا مخالفت ڪن الله جي آيتن ۾ پر اهي جن
ڏانهس ورڻو آهي. ڪافرن کان سواءِ الله جي آيتن بابت (ٻيو) ڪو به تڪرار نه ڪندو آهي.

كَفَرُوْا فَلَا یَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِی الْبِلَادِ ﴿٤﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ
ڪفر ڪيو پوءِ نه ڏوکو ڏئي توکي هلچل انهن جي شهرن ۾. ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳ ۾
پوءِ شهرن ۾ (واپار لاءِ) سندن اچ وڃ توکي نه ٺڳي. ڪانئن اڳ نوح جي قوم ۽ انهن کان پوءِ ٻين

قَوْمُ نُوْحٍ وَّالْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۠ وَهَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۢ بِرَسُوْلِهِمْ

نوح جي قوم ۽ ڪيترن فرقن انهن کان پوءِ ۽ ارادو ڪيو هر امت پنهنجي رسول جو تہ

(ڪيترن ئي) ٽولين ڪوڙ ڇاتو ۽ سيڪنهن ٽوليءَ پنهنجي پيغمبر جو ارادو ڪيو تہ کيس پڪڙين.

لِيَاْخُذُوْهُ وَجٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ ۣ

پڪڙن انهيءَ کي ۽ جهڳڙو ڪن ڪوڙ سان جيئن ٽيڙن ان سان سچي دين کي پوءِ مون پڪڙيو انهن کي،

۽ اجايو (ڳالهين) سان جهيڙو ڪندا رهيا تہ جيئن ان سان حق کي ٽيڙين، پوءِ کين ورتم،

فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ۝ ٥ وَكَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ

پوءِ ڪيئن هئي سزا منهنجي، ۽ اهڙي طرح ثابت ٿيو حڪم تنهنجي رب جو انهن تي جن

پوءِ منهنجي سزا (ڏنڊ) ڪيئن هئي!؟ ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪافرن تي ثابت ٿيو تہ

كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ۝ ٦ؔ اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ

ڪفر ڪيو تہ بلاشڪ اهي دوزخي آهن. جيڪي ملائڪ کڻن ٿا عرش کي ۽ جيڪي

اهي دوزخي آهن. جيڪي (ملائڪ) عرش کي کڻندا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن، سي پنهنجي

حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ

انهيءَ جي چوڌاري آهن پاڪائي پڙهن ٿا پنهنجي رب جي ساراهہ سان ۽ يقين رکن ٿا انهيءَ تي ۽ گهرن ٿا معافي

پالڻهار جي پاڪائي ساراهہ سان گڏ بيان ڪندا آهن ۽ مٿس ايمان آڻيندا آهن ۽ مومنن لاءِ بخشش گهرندا آهن.

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ

ايمان وارن لاءِ، اي رب اسان جا ماپايو تو هر شيءِ کي رحمت ۽ علم سان پوءِ بخش انهن کي جن

(چوندا آهن تہ) اي اسان جا پالڻهارا سيڪنهن شيءِ کي (پنهنجيءَ) ٻاجهہ ۽ علم ۾ وڪوڙيو اٿيئي، تنهن ڪري جن توبهہ ڪئي

تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ۝ ٧ رَبَّنَا وَاَدْخِلْهُمْ

توبهہ ڪئي ۽ هليا تنهنجي راهہ تي ۽ بچاءِ انهن کي عذاب باهہ جي کان. اي رب اسان جا ۽ داخل ڪر انهن کي

۽ تنهنجي واٽ جي تابعداري ڪئي، تن کي بخش ۽ کين دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. اي اسان جا پالڻهارا کين هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ داخل ڪر،

جَنّٰتِ عَدْنِ ِۨ الَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَ

باغن رهڻ وارن ۾ جن جو وعدو ڪيو تو انهن سان ۽ جيڪي سڌريا انهنجي ابن ڏاڏن مان ۽

جن جو ساڻن وعدو ڪيو اٿيئي ۽ جيڪو سندن پيڻ ڏاڏن ۽ سندين زالن ۽ سندن اولاد مان سڌريل هجي،

اَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝ ٨ ۙ وَقِهِمُ

سندن زالن ۽ سندن اولاد مان، بيشڪ تون ئي عزت وارو دانائيءَ وارو آهين. ۽ بچاءِ انهن کي

تنهن کي بہ (انهن باغن ۾ داخل ڪر) بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين. ۽ کين سختين کان بچاءِ

وقف لازم

السَّيِّاٰتِ ؕ وَمَنْ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمْتَهٗ ؕ وَذٰلِكَ

بچائين کان، ۽ جنھنکي بچايو تو براين کان ان ڏينھن تہ بيشڪ رحمت ڪئي تو انھيءَ تي، ۽ اھا ئي

۽ جنھن کي ان ڏينھن ۾ سختين کان بچائيندين تنھن تي بيشڪ رحم ڪيئي ۽ اھو (بچائڻ)

ع ٩ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝٩ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ

آھي ڪاميابي وڏي. بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کي سڏي پڌائبو تہ ڏمر الله جو

وڏي مراد ماڻڻ آھي. بيشڪ! جن ڪفر ڪيو تن کي سڏبو (۽ چئبو) تہ الله جو (اوھان تي) ڏمرڻ اوھان جي

اَكْبَرُ مِنْ مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ ۝١٠

وڏو آھي توھان جي ڏمرڻ کان پنھنجي نفس تي جڏھن سڏجي پيو توھان کي ايمان ڏانھن تہ انڪار پيا ڪريو.

پاڻ تي (اڄ جي) ڏمرڻ کان تمام وڏو آھي، جڏھن جو اوھان کي (دنيا ۾) ايمان ڏانھن سڏبو ھو ۽ نہ مڃيندا ھيو.

قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا

چوندا اي رب اسان جا توماريو اسان کي ٻہ ڀيرا ۽ توجياريو اسان کي ٻہ ڀيرا پوءِ اقرار ڪيوسون پنھنجن ڏوھن جو

چوندا تہ اي اسان جا پالڻھار! اسان کي ٻہ ڀيرا ماريئي ۽ اسان کي ٻہ ڀيرا جياريئي، تنھن ڪري (ھاڻي) پنھنجي گناھن کي (پڻ) مڃيوسون

فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ سَبِيْلٍ ۝١١ ذٰلِكُمْ بِاَنَّهٗٓ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحْدَهٗ

پوءِ ڇا آھي نڪرڻ جو ڪوئي رستو؟ اھو اِنَ ڪري جو جڏھن پڪاربو ھئو الله اڪيلي کي تہ

پوءِ (ھاڻي) نڪرڻ جي ڪا واھ (ڪٿي) آھي؟ (چئبن) اھو (عذاب اوھان کي) انھيءَ ڪري آھي جو جڏھن (خاص) اڪيلي الله کي سڏبو ھو (تڏھن)

كَفَرْتُمْ ۚ وَاِنْ يُّشْرَكْ بِهٖ تُؤْمِنُوْا ؕ فَالْحُكْمُ لِلّٰهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيْرِ ۝١٢ هُوَ

توھان نہ مڃيندا ھئا، ۽ جيڪڏھن شرڪ ڪيو ويندو ھو ان سان تہ توھان مڃيندا ھئا، ھاڻي فيصلو آھي الله مٿانھين وڏائي واري جو. اھوئي آھي

اوھين انڪار ڪندا ھيو ۽ جيڪڏھن ساڻس شريڪ ٺھرايو ويندو ھو تہ (ان ڳالھ کي) مڃيندا ھيو، پوءِ (اڄ) تمام مٿاھين وڏي الله ئي جو حڪم آھي.

الَّذِيْ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا ؕ وَمَا يَتَذَكَّرُ

جو ڏيکاري ٿو توھان کي قدرتون پنھنجون ۽ لاھي ٿو توھان لاءِ آسمان کان روزي، ۽ نہ پرائيندو ڪوئي

(الله) اھو آھي جيڪو اوھان کي پنھنجون نشانيون ڏيکاريندو آھي ۽ آسمان مان اوھان لاءِ روزي نازل ڪندو آھي ۽ نصيحت رڳو اھو وٺندو

اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ ۝١٣ فَادْعُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ

مگر جيڪو الله ڏي رجوع ٿيندو. پوءِ پڪاريو الله کي سچائي رکندي سندس ٻانھپ لاءِ، توڙي نہ پسند ڪن

جيڪو (الله ڏانھن) موٽندو، پوءِ الله لاءِ پنھنجيءَ عبادت کي خالص ڪري ان کي سڏيو، جيتوڻيڪ ڪافر بڇان

الْكٰفِرُوْنَ ۝١٤ رَفِيْعُ الدَّرَجٰتِ ذُو الْعَرْشِ ۚ يُلْقِي الرُّوْحَ مِنْ اَمْرِهٖ

ڪافر. وڏن درجن وارو صاحب عرش جو، لاھي ٿو وحي کي پنھنجي حڪم سان

پائين. (اھو) مرتبن کي وڏي ڪرڻ وارو (۽) عرش جو صاحب آھي، پنھنجن ٻانھن مان جنھن تي گھرندو آھي، (تنھن تي)

عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ لِيُنْذِرَ يَوْمَ التَّلَاقِ ﴿١٥﴾ يَوْمَ هُمْ بٰرِزُوْنَ ۚ

جنهن تي چاهي پنهنجي ٻانهن مان جيئن ڊيڄاري ڏينهن ملاقات جي کان. جنهن ڏينهن اهي پڌرا ٿيندا.

پنهنجي حڪم سان وحي موڪليندو آهي ته (اُهو ٻانهو ماڻهن کي الله جي) ملڻ جي ڏينهن کان ڊيڄاري. جنهن ڏينهن اهي (قبرن مان) ٻاهر نڪرندا.

لَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْهُمْ شَیْءٌ ؕ لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ

نه لڪندي الله تي انهن جي ڪابه شيءِ، ڪنهن جي حڪومت آهي ان ڏينهن، الله واحد

انهن جي ڪابه شيءِ الله کان ڳجهي نه رهندي. (الله فرمائيندو ته) اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟ (وري پاڻ چوندو ته) خاص اڪيلي غالب الله جي

الْقَهَّارِ ﴿١٦﴾ اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ ؕ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ ؕ

القهار جي آهي. اڄ بدلو ملندو هر ماڻهوءَ کي جهڙو ڪمايائين، نه ٿيندو ظلم اڄ،

(بادشاهي) آهي. اڄ سڀڪنهن جيءَ کي انهيءَ جو بدلو ڏبو، جيڪي ڪمايو اٿس. اڄ ڪو ظلم ڪونهي. بيشڪ الله

اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿١٧﴾ وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ

بيشڪ الله تڪڙو حساب ڪندڙ آهي. ۽ ڊيڄار انهن کي ڏينهن ويجهي ٿيندڙ کان جڏهن دليون

جلد حساب وٺڻ وارو آهي. ۽ (اي پيغمبر!) کين قيامت جي ڏينهن (جي انهيءَ مهل) کان ڊيڄار جنهن مهل (سنڌين) دليون

لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ؕ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ

هونديون نڙگهٽن وٽ ڳيتان ڏيندڙ، نه هوندو ظالمن جو ڪوئي دوست نه ڪوئي سفارش وارو جنهن کي

نڙگهٽن کي ويجهيون ٿينديون (اهي) ڏک ڀريل هوندا، (ان ڏينهن) ظالمن جو نه ڪو دوست ۽ نه ڪو پارت ڪندڙ هوندو،

يُّطَاعُ ؕ ﴿١٨﴾ يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِى الصُّدُوْرُ ﴿١٩﴾ وَاللّٰهُ

مڃوتي هجي. ڄاڻي ٿو چوري ڪندڙ اکين کي ۽ جيڪي لڪائن ٿيون دليون. ۽ الله

جنهن جي ڳالهه مڃجي. اکين جي خيانت (واري نگاهه) ۽ جيڪي سينا لڪائيندا آهن، سو (الله) ڄاڻندو آهي. ۽ الله

يَقْضِىْ بِالْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ

فيصلو ڪندو حق جو ۽ جيڪي پڪارن ٿا الله کان سواءِ ٻين کي نه فيصلو ڪندا

انصاف سان حڪم ڪندو آهي ۽ (منڪر) الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن، سي ڪجهه به حڪم نه

بِشَیْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿٢٠﴾ ع اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا ع ١١

ڪجهه به، بيشڪ الله ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ڇا نه سير ڪيائون

ڪندا آهن. ڇو ته الله ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ملڪ ۾ نه گهميا آهن ڇا؟ ته (نهاري)

فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

زمين ۾ پوءِ ڏسن ته ڪيئن ٿيو انجام انهن جو جيڪي ڪانئن اڳ ۾ هئا.

ڏسن ته انهن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي، جيڪي ڪانئن اڳ هئا. اهي ڪانئن

كَانُوْا هُمْ اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِى الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ

هئا اهي وڏيڪ انهن کان طاقت ۾ ۽ يادگارن ۾ زمين ۾ پوءِ پڪڙيو انهن کي الله

سگهه ۾ ۽ زمين تي نشانين (يعني محلاتن جوڙڻ) ۾ تمام ڏاڍا هئا. پوءِ الله سندن گناهن سببان کين پڪڙيو

بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٢١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ

سندن ڏوهن جي ڪري، ۽ نه هئو انهن کي الله کان ڪو به بچائيندڙ. اهو هن ڪري ته هئا

۽ الله (جي عذاب) کان انهن کي ڪو بچائيندڙ نه هو. اِها (سزا) هن ڪري هين جو سندن پيغمبر

تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ قَوِيٌّ

آڻيندا انهن وٽ سندن رسول معجزن کي پوءِ نه مڃيائون پوءِ پڪڙيو انهن کي الله، بيشڪ اهو ڏاڍو آهي

(پڌرن) معجزن سان وٽن آيا ٿي، پوءِ انڪار ڪيائون، تنهن ڪري الله کين پڪڙيو. بيشڪ! اهو سگهارو

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٣﴾

سخت سزا ڏيندڙ آهي. ۽ اسان موڪليو سون موسىٰ کي پنهنجي نشانين سان ۽ معجزي پڌري سان.

سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ۽ بيشڪ! موسىٰ کي پنهنجن معجزن ۽ پڌريءَ حجت سان موڪليوسون.

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَقَارُوْنَ فَقَالُوْا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿٢٤﴾ فَلَمَّا

فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن پوءِ چيائون جادوگر آهي ڪوڙو آهي. پوءِ جڏهن

فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن، پوءِ چيائون ته، ڪوڙو جادوگر آهي. پوءِ جنهن مهل اسان وٽان

جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا اقْتُلُوْٓا اَبْنَآءَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

آندائين انهن وٽ حق اسان وٽان چيائون ڪُهو پٽ انهن جا جن ايمان آندو

هنن وٽ سچي (پيغام) سان آيو، (تنهن مهل) چيائون ته جن مٿس ايمان آندو آهي، تن جا پٽ ڪُهو

مَعَهٗ وَاسْتَحْيُوْا نِسَآءَهُمْ ؕ وَمَا كَيْدُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِىْ ضَلٰلٍ ﴿٢٥﴾

ان سان گڏ ۽ جيئرو ڇڏيو انهن جي عورتن کي، ۽ نه هو فريب ڪافرن جو مگر بيڪار.

۽ سندن ڌيئرون جيئريون ڇڏيو ۽ ڪافرن جو فريب ته (نيٺ) غلطيءَ ۾ آهي.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِىْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّىْٓ اَخَافُ

۽ چيو فرعون ڇڏيو مونکي ته ڪهان موسىٰ کي ۽ اهو پڻ ته سڏي پنهنجي رب کي، مون ڊڄان ٿو

۽ فرعون (دربار وارن کي) چيو ته، مون کي ڇڏيو ته موسىٰ کي ڪُهان ۽ پلي ته پنهنجي رب کي سڏي، بيشڪ آءٌ

اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِى الْاَرْضِ الْفَسَادَ ﴿٢٦﴾ وَقَالَ

متان بگاڙي توهان جي مذهب کي يا وجهي ملڪ ۾ ڏڦيڙ. ۽ چيو

ڊڄان ٿو ته متان اوهان جو دين مٽائي يا ملڪ ۾ فساد پيدا ڪري. ۽ موسىٰ چيو ته، بيشڪ! مون سڀڪنهن هٺيلي

مُوْسٰٓى اِنِّىْ عُذْتُ بِرَبِّىْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ

موسي مون پناهه ٿو وٺان پنهنجي پالڻهار جي ۽ توهان جي پالڻهار جي هر ان هٺيلي کان جو نه ٿو مڃي

(جي لچائيءَ) کان، جو حساب جي ڏينهن کي نه مڃيندو آهي. پنهنجي پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار جي پناهه ورتي!.

بِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٢٧﴾ وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ ع ٨

ڏينهن حساب جو ۽ چيو مرد مومن قبيلي فرعون جي مان جو لڪائيندو هئو

۽ فرعون جي ماڻهن مان هڪ مومن مڙس، جو پنهنجو ايمان لڪائيندو هو (تنهن)

اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّىَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ

ايمان پنهنجو ڇا قتل ڪندؤ اهڙي ماڻهوءَ کي جو چوي ٿو ته پالڻهار منهنجو الله آهي ۽ آندائين توهان وٽ

چيو ته، اهڙي مڙس کي ڪهو ٿا ڇا؟ جو چوي ٿو ته، منهنجو پالڻهار الله آهي ۽ بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي

بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ۗ وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ

معجزا توهان جي رب کان، ۽ جيڪڏهن هوندو ڪوڙو ته پوندو ان تي ڪوڙ انهيءَ جو، ۽ جيڪڏهن

پالڻهار کان (چٽا) معجزا آندا اٿس ۽ جيڪڏهن (ڪٿي) ڪوڙو هجي ته سندس ڪوڙ (جو وبال) مٿس آهي ۽ جيڪڏهن

يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِىْ يَعِدُكُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِىْ

هوندو سچو ته پهچندو توهان کي ڪجهه ان مان جنهنجو وعدو ڏئي ٿو اوهان کي، الله نه ٿو هدايت ڪري

سچو هوندو ته جيڪو وعدو اوهان سان ڪري ٿو تنهن مان ڪجهه اوهان کي ضرور پهچندو، ڇو ته جيڪو حد کان

مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ كَذَّابٌ ﴿٢٨﴾ يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ

انهيءَ کي جو بيهودو ڪوڙو آهي. اي منهنجي قوم توهان جي بادشاهي آهي اڄ غالب آهيو

لنگهندڙ ڪوڙو هوندو تنهن کي الله سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. اي منهنجي قوم! اڄ اوهان جي بادشاهي آهي.

فِى الْاَرْضِ ۚ فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ۗ قَالَ

ملڪ ۾، پوءِ ڪير مدد ڪندو اسان جي پڪڙ الله جي کان جي اچي اسان تي، چيو

ملڪ ۾ (اوهين) غالب آهيو جيڪڏهن (عذاب) اسان وٽ اچي ته الله جي عذاب کان (بچڻ لاءِ) اسان کي ڪير واهر ڏيندو؟ فرعون چيو

فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ

فرعون رڳو ڏيکاريان ٿو توهان کي جيڪي مان ڏسان ٿو ۽ رڳو ڏسيان ٿو توهان کي رستو

ته جيڪا (چڱي مصلحت) ڏسان ٿو تنهن کان سواءِ (ٻي) اوهان کي نه ٿو ڏيکاريان ۽ اوهان کي سڌي رستي کان سواءِ (ٻيو رستو) نه ٿو ڏيکاريان.

الرَّشَادِ ﴿٢٩﴾ وَقَالَ الَّذِىْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ

ڀلائي جو. ۽ چيو انهيءَ جنهن ايمان آندو اي منهنجي قوم پڪ مان ڊڄان ٿو توهان تي ان کان جيئن ٿيو

۽ جنهن ايمان آندو هو تنهن چيو ته، اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوهان تي اڳين ٽولين جهڙي (عذاب جي) ڏينهن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو.

يَوْمِ الْاَحْزَابِ ﴿۳۰﴾ مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ وَالَّذِيْنَ
ڏينهن اڳين ٽولين جو. جيئن حال قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود جو ۽ انهن جو جيڪي
جهڙو حال نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ جيڪي کانئن پوءِ هئا. تن جو (ٿيو هو تهڙو متان توهان جو بہ ٿئي)

مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ﴿۳۱﴾ وَيٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ
انهن کان پوءِ هئا. ۽ نہ تہ الله گهري ظلم ڪرڻ ٻانهن لاءِ. ۽ اي منهنجي قوم يقين مون ڊڄان ٿو
۽ الله ٻانهن تي ظلم ڪرڻ نہ گهرندو آهي. ۽ اي منهنجي قوم! بيشڪ، آءٌ اوهان تي هڪ ٻئي کي سڏڻ جي

عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ﴿۳۲﴾ يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ
توهان تي ڏينهن هڪل پڪار جي کان. جنهن ڏينهن پڇندؤ پٺيون ڏيئي. نہ هوندو توهان کي الله کان
(انهيءَ) ڏينهن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو جنهن ڏينهن اوهين پٺيرا ٿي پڇندؤ الله کان اوهان کي ڪو بچائڻ وارو نہ هوندو

مِنْ عَاصِمٍ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ
ڪو بہ بچائيندڙ، ۽ جنهن کي گمراهہ ڪري الله پوءِ ناهي انهيءَ جو ڪو بہ رهبر. ۽ بيشڪ آيو توهان وٽ
۽ جنهن کي الله ڀلائي ڇڏي تنهن کي ڪو (سڌو) رستو ڏيکارڻ وارو ڪونهي. ۽ بيشڪ! هن کان اڳ

يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ ؕ
يوسف ان کان اڳ ۾ معجزا کڻي پوءِ هميشہ رهيا اوهين شڪ ۾ ان کان جو آندائين توهان وٽ.
اوهان وٽ يوسف معجزن سان آيو هو، پوءِ جيڪي اوهان وٽ آندائين. تنهن کان (اوهين) هميشہ شڪ ۾ هيؤ،

حَتّٰٓى اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا ؕ كَذٰلِكَ
نيٺ جڏهن وفات ڪيائين چيو توهان هرگز نہ موڪليندو الله ان کان پوءِ ڪو بہ رسول، اهڙي طرح
تان جو جڏهن مُئو (تڏهن) چيوَ تہ ان کان پوءِ (ٻيو) ڪو پيغمبر الله نہ موڪليندو. اهڙي طرح جيڪو حد

يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُ ﴿۳۴﴾ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ
گمراهہ ڪري ٿو الله ان کي جو حد لنگهندڙ شڪ ڪندڙ آهي. اهي جيڪي جهڳڙو ڪن ٿا
کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ آهي، تنهن کي الله ڀلائيندو آهي. انهن کي (ڀلائيندو آهي) جيڪي الله جي نشانين بابت

فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ؕ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ
الله جي آيتن ۾ بنا ثابتيءَ جا وٽن آئي هجي، اهو وڏو آهي ڪاوڙ لاءِ الله وٽ ۽ پڻ
اهڙيءَ حجت کان سواءِ، جا وٽن آئي هجي جهڳڙو ڪندا آهن. (اهو سندن جهڳڙو ڪرڻ) الله وٽ ۽ مومنن وٽ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾
ايمان وارن وٽ. اهڙي طرح مهر هڻي ٿو الله هر قلب هٺيلي سرڪش ي تي.
وڏي غضب جهڙي ڳالهہ آهي. اهڙيءَ طرح الله سڀڪنهن وڏائي ڪندڙ هٺيلي جي دل تي مهر هڻندو آهي.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ لِیْ صَرْحًا لَّعَلِّیْٓ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ﴿٣٦﴾ لا

۽ چيو فرعون اي هامان اڏاءِ مون لاءِ هڪ ماڙي شايد پهچان رستن تي،

۽ فرعون چيو تہ، اي هامان! مون لاءِ هڪ ماڙي بڻاءِ، تہ مَن (انهن) واٽن سان پهچان،

اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰۤی اِلٰهِ مُوْسٰی وَاِنِّیْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ط وَكَذٰلِكَ

رستا آسمانن جا پوءِ ليئو پايان موسيٰ جي الله ڏانهن ۽ مان تہ پائيان ٿو ان کي ڪوڙو، ۽ اهڙي طرح

آسمان جي واٽن کي، تہ موسيٰ جي معبود ڏانهن نهاريان ۽ بيشڪ آءٌ کيس ڪوڙو پائيندو آهيان ۽ اهڙيءَ طرح

زُیِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِیْلِ ط وَمَا كَیْدُ

سينگاريو ويو فرعون لاءِ بڇڙو ڪم انهيءَ جو ۽ روڪجي ويو راهہ کان، ۽ رڳي هئي رٿ

فرعون کي سندس بڇڙو ڪم چڱو ڪري ڏيکاريو ويو ۽ سڌيءَ واٽ کان جهليو ويو ۽ فرعون جو

فِرْعَوْنَ اِلَّا فِیْ تَبَابٍ ﴿٣٧﴾ ع وَقَالَ الَّذِیْٓ اٰمَنَ یٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ ع ٤

فرعون جي تباهي ۾. ۽ چيو انهيءَ جنهن ايمان آندو اي قوم! ڪڍ لڳو منهجي

فريب رڳو تباهيءَ ۾ هو. ۽ جنهن ايمان آندو هو، تنهن چيو تہ، اي منهنجي قوم! منهنجي تابعداري ڪريو

اَهْدِكُمْ سَبِیْلَ الرَّشَادِ ﴿٣٨﴾ ج یٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَیٰوةُ الدُّنْیَا مَتَاعٌ ز

تہ پهچايان اوهان کي ڀلائي جي راهہ تي. اي منهنجي قوم رڳو هيءَ زندگي دنيا جي، وقتي فائدو آهي

تہ (آءٌ) اوهان کي سڌي رستي لايان. اي منهنجي قوم! هيءَ دنيا جي حياتي (ٿوري) سامان کان سواءِ (ٻيو)

وَّاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِیَ دَارُ الْقَرَارِ ﴿٣٩﴾ مَنْ عَمِلَ سَیِّئَةً فَلَا یُجْزٰۤی

۽ بيشڪ آخرت ئي جاءِ رهڻ جي آهي. جنهن ڪئي بڇڙائي پوءِ رڳو بدلو ڏنو ويندس

ڪجهہ نہ آهي ۽ بيشڪ آخرت ئي سدائين رهڻ جو هنڌ آهي. جنهن برو ڪم ڪيو، تنهن کي رڳو

اِلَّا مِثْلَهَا ج وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰی وَهُوَ مُؤْمِنٌ

ايتروئي، ۽ جنهن ڪئي چڱائي مرد هجي يا عورت ۽ اهو مومن هجي

اهڙو بدلو ڏبو. ۽ جنهن چڱو ڪم ڪيو خواهہ مرد هجي خواهہ عورت ۽ اهو مومن (بہ) هجي

فَاُولٰٓئِكَ یَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ یُرْزَقُوْنَ فِیْهَا بِغَیْرِ حِسَابٍ ﴿٤٠﴾

پوءِ اهي ئي داخل ٿيندا بهشت ۾ روزي ملندن اتي بي شمار.

تہ اهي بهشت ۾ گهڙندا، منجهس اڻ ڳڻي روزي ڏبي. ۽ اي منهنجي قوم! مون کي

وَیٰقَوْمِ مَا لِیْٓ اَدْعُوْكُمْ اِلَی النَّجٰوةِ وَتَدْعُوْنَنِیْٓ اِلَی النَّارِ ﴿٤١﴾ ط النصف

۽ اي منهنجي قوم! ڇا آهي مون لاءِ جو سڏيان ٿو توهانکي ڇوٽڪاري ڏانهن ۽ توهان سڏيو ٿا مونکي باهہ ڏانهن.

ڇا (ٿيو) آهي جو (آءٌ) اوهان کي ڇوٽڪاري ڏانهن سڏيان ٿو ۽ (اوهين) مون کي باهہ ڏانهن سڏيو ٿا؟

تَدْعُوْنَنِیْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشْرِكَ بِهٖ مَا لَیْسَ لِیْ بِهٖ عِلْمٌ٘ وَّاَنَا
سڏيو ٿا مونکي تہ ڪفر ڪريان الله جو ۽ شريڪ بڻايان انهيءَ سان انکي جنهن جي ناهي مونکي ڪا خبر ۽ آءٌ
اوهين مون کي سڏيو ٿا تہ الله جو انڪار ڪريان ۽ ساڻس اهڙي شيءِ شريڪ ٺهرايان جنهن (جي حقيقت) جي مون کي ڄاڻپ نہ آهي

اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِیْزِ الْغَفَّارِ ﴿٤٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِیْۤ اِلَیْهِ لَیْسَ
سڏيان ٿو اوهانکي زبردست بخشيندڙ ڏانهن. پڪ اوهان ٿي آهيو جو سڏيو ٿا مونکي انهيءَ ڏانهن ناهي
۽ آءٌ اوهان کي غالب بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو. بلاشڪ! اوهين مون کي انهيءَ ڏانهن سڏيو ٿا، جنهن کي

لَهٗ دَعْوَةٌ فِی الدُّنْیَا وَلَا فِی الْاٰخِرَةِ وَاَنَّ مَرَدَّنَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَاَنَّ
جنهن کي سڏڻ دنيا ۾ ۽ نڪي آخرت ۾ ۽ بيشڪ موٽڻو آهي اسان کي الله ڏانهن ۽ بيشڪ
دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق نہ آهي ۽ بيشڪ اسان جو موٽڻ الله ڏانهن آهي ۽ بيشڪ

الْمُسْرِفِیْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿٤٣﴾ فَسَتَذْكُرُوْنَ مَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ ؕ
حد اورانگهيندڙ ئي آهن صاحب دوزخ جا. پوءِ اجهو توهان ياد ڪندؤ جيڪي مان چوان ٿو توهانکي.
حد کان لنگهندڙ ئي دوزخي آهن. پوءِ جيڪي اوهان کي چوان ٿو سو سگهو ياد ڪندؤ

وَاُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٤٤﴾ فَوَقٰىهُ
۽ مان حوالي ڪريان ٿو ڪم پنهنجو الله ڏانهن، بيشڪ الله ڏسندڙ آهي ٻانهن کي. پوءِ بچايو کيس
۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله کي سونپيان ٿو ڇو تہ الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي. پوءِ

اللّٰهُ سَیِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَحَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ ﴿٤٥﴾ ۚ
الله ان جي ايذائن کان جيڪي رٿيائون ۽ پئجي ويو فرعون وارن تي بڇڙو عذاب.
جيڪي ڦند سٽيائون تن جي بڇڙائيءَ کان الله کيس بچايو ۽ فرعون جي ماڻهن کي بڇڙي عذاب ورڙهيو.

اَلنَّارُ یُعْرَضُوْنَ عَلَیْهَا غُدُوًّا وَّعَشِیًّا ۚ وَیَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ۫
اها باهہ جو پيش ڪيا وڃن ٿا ان تي صبح ۽ شام، ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت،
جا باهہ آهي، جنهن تي صبح ۽ سانجهيءَ جو کين حاضر ڪبو آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي،

اَدْخِلُوْۤا اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ ﴿٤٦﴾ وَاِذْ یَتَحَآجُّوْنَ فِی النَّارِ
(حڪم ايندو) داخل ڪريو فرعون وارن کي تمام سخت عذاب ۾. ۽ جڏهن اهي هڪٻئي سان جهڳڙو ڪندا باهہ ۾
(تنهن ڏينهن حڪم ڪبو تہ) فرعونين کي سخت عذاب ۾ گهيڙيو. ۽ (ياد ڪر) جڏهن باهہ ۾ هڪٻئي سان جهڳڙو ڪندا

فَیَقُوْلُ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِیْنَ اسْتَكْبَرُوْۤا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ
پوءِ چوندا ڪمزور هٺيلن کي تہ اسان هئاسون توهان جا پوئلڳ پوءِ ڇا
(تڏهن) هيٺا هٺيلن کي چوندا تہ بيشڪ اسين اوهان جا تابعدار هئاسون، تنهن ڪري

أَنْتُمْ مُّغْنُونَ عَنَّا نَصِيبًا مِّنَ النَّارِ ﴿٤٧﴾ قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوٓا
توهان ٽاريندڙ آهيو اسان کان ڪجهه حصو باهه جو؟ چوندا اهي جيڪي آڪڙ ڪندا هئا
باهه (جي عذاب) مان ڪو حصو اوهين اسان کان ٽارڻ وارا آهيو (يا نه)؟ هٺيلا چوندا ته، بيشڪ اسين

إِنَّا كُلٌّ فِيهَآ ۙ إِنَّ اللَّهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ ﴿٤٨﴾ وَقَالَ الَّذِينَ
ته اسان سمورا ان ۾ آهيون بيشڪ الله ٿي فيصلو ڪيو آهي ٻانهن جي وچ ۾. ۽ چوندا
(باهه) سڀ منجهس (پيل) آهيون، جو ته الله ٻانهن جي وچ ۾ نبيرو ڪري چڪو آهي. ۽ دوزخي دوزخ جي

فِى النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادْعُوا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ
باهه ۾ پيل ماڻهو دوزخ جي چوڪيدارن کي سڏيو پنهنجي رب کي ته هلڪو ڪري اسان کان هڪڙو ڏينهن
داروغن کي چوندا ته، اوهين پنهنجي پالڻهار کي عرض ڪيو ته اسان کان هڪڙو ڏينهن ڪجهه عذاب هلڪو ڪري.

الْعَذَابِ ﴿٤٩﴾ قَالُوٓا أَوَلَمْ تَكُ تَأْتِيكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنَٰتِ ۖ قَالُوا
عذاب جو. چوندا ڇا نه آيا هئا توهان وٽ رسول توهان جا معجزا کڻي. اهي چوندا
(داروغا) چوندا ته اوهان جا پيغمبر (پڌرن) معجزن سان اوهان وٽ نه ايندا هئا ڇا؟ چوندا ته، هائو!

بَلَىٰ ۚ قَالُوا فَادْعُوا ۗ وَمَا دُعَٰٓؤُا الْكَٰفِرِينَ إِلَّا فِى ضَلَٰلٍ ﴿٥٠﴾ إِنَّا ع ۱۰ ۶
هائو. چوندن پوءِ توهان پاڻ گهرو. ۽ نه هوندو سڏڻ ڪافرن جو مگر بيڪار. بيشڪ اسان
(ايندا هئا) (داروغا) چوندا ته پوءِ (اوهين) پاڻ پڪاريو ۽ ڪافرن جو پڪارڻ رڳو گمراهيءَ ۾ آهي. بيشڪ اسين

لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِينَ ءَامَنُوا فِى الْحَيَوٰةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُومُ
مدد ڪندا آهيون پنهنجي رسولن جي ۽ مومنن جي دنيا جي زندگي ۾ ۽ جنهن ڏينهن بيهندا
پنهنجن پيغمبرن جي ۽ مومنن جي دنيا جي حياتيءَ ۾ ضرور مدد ڪنداسون ۽ جنهن ڏينهن شاهد ڪرا ٿيندا

الْأَشْهَٰدُ ﴿٥١﴾ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظَّٰلِمِينَ مَعْذِرَتُهُمْ
شاهد. تنهن ڏينهن نه فائدو ڏيندو ظالمن کي سندن بهانو
(تنهن ڏينهن به مدد ڪنداسون)، جنهن ڏينهن ظالمن کي سندن بهانو نفعو نه ڏيندو ۽ کين لعنت آهي

وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوٓءُ الدَّارِ ﴿٥٢﴾ وَلَقَدْ ءَاتَيْنَا مُوسَى الْهُدَىٰ وَأَوْرَثْنَا
۽ انهن تي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙي جاءِ آهي. ۽ البت ڏني سون موسيٰ کي هدايت ۽ ورثي ۾ ڏنوسون
۽ انهن لاءِ (اتي) بڇڙي جاءِ آهي. ۽ بيشڪ موسيٰ کي هدايت ڏني سون ۽ بني اسرائيل کي

بَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ الْكِتَٰبَ ﴿٥٣﴾ هُدًى وَذِكْرَىٰ لِأُولِى الْأَلْبَٰبِ ﴿٥٤﴾
بني اسرائيل کي ڪتاب جو هدايت ۽ نصيحت آهي عقل وارن لاءِ.
ڪتاب جو وارث ڪيوسون. جو ڏيان وارن جي سمجهاڻ ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ آهي.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ

پوءِ صبر ڪر بيشڪ وعدو الله جو سچو آهي ۽ بخشاءِ گناھ پنھنجا ۽ پاڪائي بيان ڪر پنھنجي

پوءِ (اي پيغمبرا) صبر ڪر، ڇو تہ الله جو وعدو سچو آهي ۽ پنھنجي گناھ جي بخشش گھر ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو

رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿۵۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ

پالڻهار جي حمد سان شام ۽ صبح جو. بيشڪ جيڪي جھڳڙو ڪن ٿا الله جي آيتن ۾

پنھنجي پالڻھار جي ساراھ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر. بيشڪ جيڪي الله جي آيتن بابت (اُنهيءَ) حجت بنا جا وٽن آئي هجي

بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ۙ اِنْ فِيْ صُدُوْرِهِمْ اِلَّا كِبْرٌ مَّا هُمْ

بنا ثابتي جا وٽن آئي هجي رڳو انھن جي دلين ۾ وڏائي آهي جو نہ آهن

جھڳڙو ڪندا آهن، تن جي سينن ۾ وڏائيءَ (جي ارادي) کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ آهي. جنھن ڪي اهي

بِبَالِغِيْهِ ۚ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿۵۶﴾ لَخَلْقُ

پهچندڙ ان ڪي، پوءِ پناھ گھر الله جي، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. البت پيدا ڪرڻ

پهچڻ وارا نہ آهن، پوءِ الله جي پناھ گھر! ڇو تہ اهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. بيشڪ! آسمانن ۽

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

آسمانن ۽ زمين جو تمام وڏو آهي پيدا ڪرڻ ماڻھن جي ڪان پر ڪيترا ماڻھو

زمين جي ٻڻاوت ماڻھن جي پيدا ڪرڻ کان تمام وڏي آهي، پر گھڻا ماڻھو

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ وَالَّذِيْنَ

نہ ٿا سمجھن. ۽ ناهي هڪجهڙو انڌو ۽ سجو ۽ اهي جن

نہ ڄاڻيندا آهن. ۽ انڌو ۽ سجو (ڀاڻ) ۾ برابر نہ آهي ۽ (نيڪي) جن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِيْٓءُ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۸﴾

ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ۽ نڪي بدڪار، تمام ٿوري ٿا سوچ ڪريو.

ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا (سي) ۽ نڪي مدائيءَ ڪرڻ وارو (برابر آهن) اوهين گھٽ نصيحت وٺندا آهيو.

اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

بيشڪ قيامت ضرور ايندي. ناهي ڪو شڪ ان ۾ پر گھڻا ماڻھو

بيشڪ! قيامت ضرور اچڻي آهي، منجهس ڪو شڪ نہ آهي، پر گھڻا ماڻھو ويساھ نہ آڻيندا آهن.

لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ۭ اِنَّ

نہ ٿا مڃين. ۽ فرمايو توهان جي پالڻهار پڪاريو مونکي تہ آءٌ توهان جو ٻڌان، بيشڪ

۽ اوهان جو پالڻھار فرمائي ٿو تہ، اوهين مون کان دعا گھرو تہ اوهان جي قبول ڪريان، بيشڪ!

ع ۶

الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ ۝۶۰

جيڪي وڏائي ڪن ٿا منهنجي عبادت کان جلد داخل ٿيندا دوزخ ۾ ذليل ٿي.

جيڪي منهنجي عبادت کان وڏائي ڪندا آهن، سي خوار ٿي دوزخ ۾ سگهوئي گهڙندا.

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ

الله اهو آهي جنهن بنائي توهان لاءِ رات جيئن آرام وٺو ان ۾ ۽ ڏينهن ڏسڻ لاءِ.

الله اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ رات کي پيدا ڪيو ته منجهس آرام وٺو ۽ ڏينهن کي (اوهان جي هڪ هئي ڪي)

اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

بيشڪ الله ٿي مهربان آهي ماڻهن تي پر گهڻا ماڻهو

ڏسڻ لاءِ (پيدا ڪيو) بيشڪ! الله ماڻهن تي (وڏي) فضل (ڪرڻ) وارو آهي، پر گهڻا ماڻهو شڪر نه

لَا يَشْكُرُوْنَ ۝۶۱ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫

نه ٿا شڪر ڪن. اهوئي اٿوَ الله پاليندڙ توهان جو پيدا ڪندڙ هر شيءِ جو، ناهي ڪوبه عبادت جي لائق انهيءَ کانسواءِ

ڪندا آهن. اهو الله اوهان جو پالڻهار، هر شيءِ کي خلقيندڙ آهي. اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي،

فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ۝۶۲ كَذٰلِكَ يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

پوءِ ڪيڏانهن ٿا ڦيريا وڃو. اهڙي طرح ڦيريا وڃن ٿا اهي جيڪي الله جي آيتن جو

پوءِ اوهين ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو؟ اهڙيءَ طرح اهي (سنئين واٽ کان) ڀلائبا آهن، جن الله جي آيتن جو

يَجْحَدُوْنَ ۝۶۳ اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ

انڪار ڪن ٿا. الله اهو آهي جنهن ڪئي توهان لاءِ زمين جاءِ قرار ۽ آسمان

انڪار ٿي ڪيو. الله اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ زمين کي آرام جوهنڌ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ اوهان جي

بِنَآءً وَّصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ

ڇت ۽ صورت ڏنائين توهان کي پوءِ سهڻو ڪيائين توهان جي صورتن کي ۽ روزي ڏنائين اوهان کي سٺين شين مان،

شڪل ٺاهيائين، پوءِ اوهان جون شڪليون تمام چڱيون بڻايائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين.

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚۖ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۶۴ هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ

اهو اٿوَ الله پالڻهار توهان جو، پوءِ برڪت وارو آهي الله پاليندڙ جهانن جو. اهو جيئرو آهي ناهي ڪوبه عبادت جي لائق

اهو الله اوهان جو پالڻهار آهي، پوءِ جهانن جو پالڻهار وڏيءَ برڪت وارو آهي. اهو (سدائين) جيئرو آهي، ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي،

اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ

انهيءَ کان سواءِ پوءِ پڪاريو انهيءَ کي نجي ڪندڙ ان لاءِ ٻندگي، سڀ ڪا ساراهه الله لاءِ آهي جو پاليندڙ آهي

تنهن ڪري ان لاءِ (ٻنهنجيءَ) عبادت کي خالص ڪري ڪيس سڏيو، سڀ ساراهه خالص جهانن جي پالڻهار الله

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٥﴾ قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ
جهانن جو. چؤ بيشڪ مون روڪيو ويو آهيان ته عبادت ڪريان انهن جي جن کي پڪاريو ٿا
کي جڳائي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته الله کان سواءِ جن کي (اوهين) سڏيندا آهيو، تن جي پوڄڻ کان، جڏهن منهنجي پالڻهار

دُوْنِ اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ ۡ وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ
الله کان سواءِ جڏهن آيا مون وٽ چٽا نشان پنهنجي رب کان ۽ حڪم ڏنو ويو اٿم ته جهڪي پوان
وٽان مون وٽ (صاف) نشانيون آيون (تڏهن انهيءَ وقت) بيشڪ آءٌ جهليو ويو آهيان ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته

لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ
رب العالمين لاءِ. هو اهوئي آهي جنهن خلقيو توهان کي مٽيءَ مان پوءِ
جهانن جي پالڻهار جو فرمانبردار هجان. (الله) اهو آهي، جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو، وري نطفي مان، وري رت جي

نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا
قطري مان پوءِ رت جي ڏڳ مان پوءِ ڪڍي ٿو توهان کي ٻار ڪري پوءِ جيئن پهچو
ڏڳ مان، وري اوهان کي ٻار ڪري ڪڍي ٿو، وري (وڏو ڪري ٿو) ته پل (اوهين) پنهنجي پوريءَ جوانيءَ

اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ
پنهنجي جوانيءَ کي پوءِ ٿيو ڪراڙا. ۽ ڪي توهان مان مرن ٿا اڳي ئي
کي پهچو، وري (وڏو ڪري ٿو) ته پل ٻيڍا ٿيو. اوهان مان ڪو (ان کان) اڳ ماريو آهي. ۽ (ڪن کي

وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّلَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ هُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ
۽ جيئن پهچو وقت مقرر کي ۽ ته اوهان سمجهو. هو اهوئي آهي جو جياري ٿو
ڇڏي ٿو) ته مقرر مدت کي پهچو ۽ ته مَن اوهين سمجهو. (الله) اهو آهي، جيڪو جيارڻندو آهي

وَيُمِيْتُ ۚ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٦٨﴾ اَلَمْ
۽ ماري ٿو. پوءِ جڏهن حڪم ڪري ڪنهن ڪم جو پوءِ رڳو چوي انکي ٿيءُ ته ٿي پوي ٿو. ڇا نه
۽ ماريندو آهي، پوءِ جڏهن ڪنهن ڪم جو حڪم ڪندو آهي، تڏهن ان کي رڳو چوندو آهي ته، ٿيءُ! ته ٿي پوندو آهي.

تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ﴿٦٩﴾ الَّذِيْنَ
ڏٺو تو انهن ڏانهن جيڪي جهڳڙو ڪن ٿا الله جي آيتن ۾ ڪيئن ٿا ڦيريا وڃن. اهي جن
(اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا جيڪي الله جي آيتن بابت جهڳڙو ڪندا آهن؟ (اهي) ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن؟ جن

كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ڕ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٠﴾
ڪوڙو ڪيو هن ڪتاب کي ۽ جنهن سان موڪليوسون پنهنجي رسولن کي، پوءِ جلد ڄاڻندا.
ڪتاب کي ڪوڙو ڄاتو ۽ جنهن (شيءِ) سان پنهنجن پيغمبرن کي موڪليوسون تنهن کي (ب)، سي سگهوئي ڄاڻندا.

اِذِ الْاَغْلٰلُ فِیْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ؕ یُسْحَبُوْنَ ﴿٧١﴾ فِی الْحَمِیْمِ ۙ

جڏهن گٽ پوندا سندن ڳچين ۾ ۽ زنجير، گهليا ويندا، تجڪندڙ پاڻي ۾،

جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير (هوندا) اهي گهليا، تهڪندڙ پاڻيءَ ۾،

ثُمَّ فِی النَّارِ یُسْجَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ ثُمَّ قِیْلَ لَهُمْ اَیْنَ مَا كُنْتُمْ

وري باهه ۾ پاريا ويندا. پوءِ چيو ويندن ڪٿي آهن اهي جن کي شريڪ ڪندا

وري باهه ۾ تچڪايا ويندا. وري کين چئبو ته جيڪي اوهين شريڪ ٺهرائيندا هيؤ سي ڪٿي آهن؟

تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٣﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا

هئا توهان الله کي ڇڏي، چوندا اهي گم ٿي ويا اسان کان پر اسان ڪونه سڏيندا هئاسون

الله ڌاران (ٻيا). (اهي) چوندا ته اسان (جي نظر) کان گم ٿي ويا. بلڪ اسين ته ڪنهن شيءِ کي به اڳي نه

مِنْ قَبْلُ شَیْـًٔا ؕ كَذٰلِكَ یُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِیْنَ ﴿٧٤﴾ ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ

اڳ ۾ ڪنهين کي، اهڙي طرح ٻلائي ٿو الله ڪافرن کي. اهو اٿو جنهن سان توهان

پوڄيندا هئاسون. اهڙيءَ طرح الله ڪافرن کي گمراه ڪندو آهي. اِها (سزا) اِنهيءَ سببان آهي، جو اوهين زمين ۾

تَفْرَحُوْنَ فِی الْاَرْضِ بِغَیْرِ الْحَقِّ وَ بِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ﴿٧٥﴾ ۚ اُدْخُلُوْٓا

ڦوڪ ڪندا هئا زمين ۾ ناحق ۽ جنهن سان توهان آڪڙ ڪندا هئا، گهڙو

ناحق خوشيءَ (سبب آڪڙ) ڪندا هيؤ ۽ هن سببان (بہ) جو اوهين لاڏ ڪندا هيؤ. (هاڻي) دوزخ جي

اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِیْنَ ﴿٧٦﴾

دوزخ جي درن مان هميشہ رهندڙ ٿي ان ۾، پوءِ بڇڙي آهي اها جاءِ هٺيلن جي.

دروازن مان گهڙو! منجهس سدائين رهندڙ (آهيو)، پوءِ (ڏسو تہ دوزخ) هٺيلن جي بڇڙي جاءِ آهي.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِیَنَّكَ بَعْضَ الَّذِیْ

پوءِ ڇُپ ڪر . بيشڪ وعدو الله جو سچو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڏيکاريون توکي ڪجهہ تنهن مان جو

پوءِ (اي پيغمبر! تون) صبر ڪر، بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪين جيڪو انجام ڏيون ٿا، تنهن مان ڪجهہ توکي (دنيا ۾) ڏيکاريون

نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّیَنَّكَ فَاِلَیْنَا یُرْجَعُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا

وعدو ڪيوسون انهن سان يا وفات ڏيون توکي پوءِ اسان ڏانهن اهي موٽايا ويندا. ۽ بيشڪ موڪلياسون

يا (عذاب جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ) توکي وفات ڏيون تہ (بہ نيٺ) اسان ڏانهن موٽائبا. ۽ بيشڪ توکان اڳ

رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَیْكَ وَ مِنْهُمْ مَّنْ

ڪيترائي رسول توکان اڳ ۾ انهن مان ڪي اهي آهن جن جي خبر ڪئي سون توکي ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جي

ڪيترائي پيغمبر موڪلياسون، منجهانئن ڪنهن جو احوال توکي بيان ڪيوسون ۽ منجهانئن ڪنهن جو

لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ط وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ

نہ بڌايا سون تو کي، ۽ ناهي ٿيٺو ڪنهن رسول کان جو آڻي ڪا آيت،

احوال توکي بيان نہ ڪيوسون ۽ ڪنهن بہ پيغمبر کي الله جي حڪم کان سواءِ ڪنهن (بہ)

اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ج فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ

الله جي حڪم کان سواءِ، پوءِ جڏهن آيو حڪم الله جو فيصلو ٿيندو انصاف سان ۽ هارائيندا

معجزي آڻڻ (جو اختيار) نہ هو، پوءِ جڏهن الله جو حڪم آيو، (تڏهن) انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽

ع ٨ ١٤ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٧٨﴾ ع اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا

اتي ڪوڙا. الله ئي آهي جنهن بڻايا توهان لاءِ چوپايا جيئن سوار ٿيو

اتي ڪوڙن نقصان پاتو. الله اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ ڍور پيدا ڪيا تہ انهن مان ڪن تي چڙهو

مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَلِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا

ڪن تي ۽ ڪي کائيندا آهيو. ۽ اوهان لاءِ انهن ۾ پيا فائدا آهن ۽ جيئن پهچو چڙهي انهن تي

۽ منجهائن ڪي کائيندا آهيو. ۽ منجهن اوهان لاءِ گهڻا فائدا آهن ۽ تہ مٿن چڙهي اُنهيءَ مطلب کي،

حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿٨٠﴾ ط

ڪم لاءِ جو دلين ۾ هجيوَ ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي ڪنيا ٿا وڃو.

جو اوهان جي دلين ۾ آهي، سو پورو ڪريو ۽ مٿن ۽ ٻيڙين تي اوهان کي چاڙهبو آهي.

وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ صلے ق فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ ﴿٨١﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا

۽ ڏيکاري ٿو توهان کي پنهنجون قدرتون پوءِ الله جي ڪهڙين قدرتن جو انڪار ڪندؤ. ڇا نہ گهميا آهن

۽ (الله) اوهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاريندو آهي، پوءِ الله جي ڪهڙي (ڪهڙي) نشانين کان انڪار ڪندؤ؟

فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ط

زمين ۾ پوءِ ڏسن تہ ڪيئن ٿي پڇاڙي هنن کان اڳين جي.

پوءِ زمين ۾ نہ گهميا آهن ڇا؟ جو نهارين تہ جيڪي ڪافر اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟

كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى

اهي هئا گهڻا انهن کان ۽ وڌيڪ زور طاقت ۾ ۽ يادگارن ڌرتي جي ۾ پوءِ نہ بچايو

(جي) ڪافر گهڻا هئا ۽ سگهہ ۾ ۽ زمين تي نشانين (جي ڇڏڻ) ۾ تمام ڏاڍا هئا، پوءِ جيڪي

عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

انهن کي سندن ڪمائي. پوءِ جڏهن آندا انهن وٽ سندن رسولن چٽا دليل

(ڪرتوت) ڪيائون تن ڪائن ڪجهہ بہ نہ تاريو، پوءِ جنهن مهل سندن پيغمبر معجزن سان وٽن آيا

فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ

تہ ڦنڊڻ لڳا | ان تي جا | انهن وٽ هئي | ڄاڻ | ۽ پئجي ويو | مٿن | اهو | جنهن تي

(تنهن مهل) جيڪا (ڳڙان جي) ڄاڻ وٽن هئي، تنهن سببان خوش ٿيا ۽ جنهن (ڳالهه) تي ٺٺوليون ڪندا هئا، تنهن (جي

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٨٣﴾ فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَ

چٿرون ڪندا هئا. | پوءِ جڏهن | ڏٺائون | عذاب اسان جو | چيائون | ايمان آندوسون | الله | اڪيلي تي | ۽

بچڙائيءَ) ڪين ويڙهيو. پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب ڏٺائون (تنهن مهل) چيائون ته اڪيلي الله تي ايمان آندوسون ۽

كَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ

انڪار ڪيوسون | ان جو جنهن کي | ساڻس | شريڪ ڪندڙ هئاسون. | پوءِ نہ | فائدو ڏنو انهن کي | سندن ايمان

جنهن شيءِ کي (ساڻس) شريڪ مقرر ڪندا هياسون تنهن جا منڪر ٿياسون. پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون (تڏهن) سندن

لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَ

جڏهن | ڏٺائون | عذاب اسان جو. | طريقو | الله جو | اهوئي آهي | جو گذريو آهي | سندس ٻانهن ۾. | ۽

ايمان آڻڻ ڪين فائدو ڪڏهن نہ ڏنو. (اهو) الله جو دستور آهي جو سندس ٻانهن ۾ هليو ايندو آهي ۽

خَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ ع ٩ ١٤

نقصان وارا ٿيا | اتي | ڪافر.

اُن هنڌ ڪافر ٽوٽي وارا ٿيا.

سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَة مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٥٤ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٢﴾ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ

حم. | نازل ڪرڻ آهي | ٻاجهاري | مهربان طرفان. | اهو ڪتاب جو | نکڙيل آهن | آيتون ان جون.

حم (هن ڪتاب جو الله) ٻاجهاري مهربان وٽان نازل ٿيڻ آهي. (هيءُ اهڙو) ڪتاب آهي، جو سندس آيتون کولي بيان ڪيون ويون آهن.

قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣﴾ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ

قرآن | عربي | انهن ماڻهن لاءِ آهي | جيڪي سمجهن، | خوشخبري ڏيندڙ | ۽ | ڊيڄاريندڙ، | پوءِ منهن موڙيو | انهن جي گهڻن

قرآن عربيءَ ۾، سمجهه وارن ماڻهن لاءِ آهي. جو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي. پوءِ گهڻن ماڻهن منهن موڙيو

فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٤﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ

پوءِ اهي | نہ | ٻڌن. | ۽ | چيائون | دليون اسانجون | پردن ۾ آهن | ان ڪان | سڏيو ٿا اسان کي | جنهن طرف

تنهن ڪري اهي (اُن کي) ٻڌندا ئي نہ آهن. ۽ چوندا آهن تہ جنهن ڏانهن اسان کي سڏيندو آهين، تنهن ڪان اسان جيون دليون پردي ۾ آهن

وَفِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا

۽ اسان جي ڪنن ۾ | بار آهي | ۽ | اسان | ۽ | تنهنجي وچ ۾ | پردو آهي | پوءِ تون ڪم ڪر | اسان به

۽ اسان جي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي ۽ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ اوٽ آهي. تنهن ڪري (تون پنهنجيءَ طرح) ڪم ڪر بيشڪ اسين

عٰمِلُوْنَ ۝٥ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

ڪم ڪريون ٿا. | چؤ | رڳو آءٌ | ماڻهو آهيان | اوهان جهڙو | حڪم ڪيو ويو | مون ڏانهن | ته بس | مالڪ توهانجو | الله

(پنهنجيءَ طرح) ڪم ڪرڻ وارا آهيون. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته آءٌ (به) اوهان ٿي جهڙو ماڻهو آهيان. (پر) مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي ته

وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ؕ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۝٦ لا

هڪ آهي | پوءِ سڌا ٿيو | ان ڏانهن | ۽. بخشايو انهيءَ کان. | ۽ | ويل آهي | شرڪ ڪندڙن لاءِ.

اوهان جو معبود هڪ خدا آهي، تنهن ڪري ڏانهس سڌا متوجه ٿيو ۽ کانئس بخشش گهرو ۽ (انهن) مشرڪن لاءِ ويل آهي.

الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٧ اِنَّ

جيڪي | نه | ٿا ڏين | زڪوات | ۽ | اهي ئي | آخرت جو | انڪار ڪندڙ آهن. | بيشڪ

جيڪي زڪوات نه ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت کي (به) نه مڃيندا آهن. بيشڪ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۝٨ ع قُلْ

جن | ايمان آندو | ۽ | ڪيائون ڪم | چڱا | انهن لاءِ | ثواب | اڻ کُٽ آهي. | چؤ

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻکٽ اجر آهي. (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته

اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ

ڇا توهان | نه ٿا مڃيو | انهيءَ کي جنهن | ٺاهي | زمين | ٻن ڏينهن ۾ | ۽ | ڪريو ٿا برابر

اوهين ان (الله) جو انڪار ڪندا آهيو جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ بڻايو؟ ۽ ان لاءِ (ٻين کي)

لَهٗٓ اَنْدَادًا ؕ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٩ ج وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ

انهيءَ سان | غيرن کي، | اهو آهي | پالڻهار | جهانن جو. | ۽ رکيائين | ان ۾ | گرا جبل

شريڪ بڻائيندا آهيو. اهو (الله) جهانن جو پالڻهار آهي. ۽ ان (زمين) ۾ مٿانئس پڪا جبل بڻايائين

فَوْقِهَا وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ؕ سَوَآءً

مٿانئس | ۽ برڪت ڪيائين ان ۾ | ۽ مقرر ڪيائين | ان ۾ | کاڌا ان جا | چئن ڏينهن ۾. | پورت

۽ منجهس برڪت رکيائين ۽ چئن ڏينهن ۾ منجهس اُن (جي رهاڪن) جو قوت مقرر ڪيائين. پڇندڙن لاءِ برابر (ڪولي بيان

لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝١٠ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَ

گهرندڙن لاءِ. | پوءِ | ارادو ڪيائين | آسمان ڏانهن | ۽ اهو هئو | دونهون | پوءِ حڪم ڪيائين ان کي ۽

ڪيو ويو) آهي. وري آسمان ڏانهن توجه ڪيائين ۽ اهو (ان وقت) دونهون هو. پوءِ ان کي ۽ زمين کي چيائين

الثلثة

ع ١٥/٥

لِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ (١١) فَقَضٰهُنَّ

ڌرتيءَ کي تہ اچو ٻئي رضا سان يا زور سان. چيائون آياسون رضا سان. پوءِ بنايائين انهن کي

تہ خوشيءَ سان خواه مجبوريءَ سان (وجود ۾) اچو (ٻنهي) چيو تہ، خوشيءَ سان آياسون. پوءِ (ٻين) ٻن ڏينهن ۾

سَبْعَ سَمٰوٰتٍ فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا ؕ وَزَيَّنَّا

ست آسمان ٻن ڏينهن ۾ ۽ وڌائين هر آسمان ۾ ان جو ڪم، ۽ سينگاريوسون

انهن کي ست آسمان بڻايائين ۽ سڀ ڪنهن آسمان ۾ اُن (جي ڪم) جو حڪم موڪليائين ۽ دنيا جي آسمان کي

السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ۖ وَحِفْظًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ

آسمان دنيا جي کي ٻتين سان، ۽ پهري لاءِ، اهائي جوڙجڪ آهي زبردست

(تارن جي) ڏيئن سان سينگاريوسون ۽ (شيطانن کان انهيءَ جي) حفاظت ڪئي سون، اِها (الله) غالب ڄاڻندڙ جي رٿ آهي.

الْعَلِيْمِ (١٢) فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ صٰعِقَةِ

خبر رکندڙ جي. پوءِ جي منهن موڙين تہ چؤ مون ڊيڄاريو اوهان کي اهڙي ڪڙڪي کان جيئن ڪڙڪو

پوءِ جيڪڏهن (اهي) منهن موڙين تہ چئو تہ اوهان کي اهڙي عذاب کان ڊيڄاريم جهڙو عاد ۽ ثمود جو عذاب (هو).

عَادٍ وَّثَمُوْدَ (١٣) اِذْ جَآءَتْهُمُ الرُّسُلُ مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ

عاد ۽ ثمود جو. جڏهن آيا انهن وٽ رسول سندن اڳيان ۽ سندن

جڏهن پيغمبر سندن اڳيان ۽ سندن پويان انهن وٽ آيا (پيغمبرن چيو) تہ الله کان سواءِ

خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ قَالُوْا لَوْ شَآءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً

پويان تہ نہ عبادت ڪريو ڪنهين جي سواءِ الله جي، چيائون جي گهري ها رب اسان جو تہ لاهي ها ملائڪ

(ٻئي) ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو چيائون تہ جيڪڏهن اسان جو پالڻهار گهري ها تہ ضرور ملائڪن کي موڪلي ها!

فَاِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ (١٤) فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا فِي الْاَرْضِ

پوءِ اسين جنهن سان اوهان موڪليا ويا آهيو انجو انڪار ڪندڙ آهيون. پوءِ عاد وارن تہ وڏائي ڪئي زمين ۾

تنهن ڪري (اوهين) جنهن سان موڪليا ويا آهيو تنهن کي بيشڪ اسين مڃڻ وارا نہ آهيون. پوءِ عاد (وارن) زمين ۾ ناحق

بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ

ناحق ۽ چيائون ڪير آهي وڌيڪ. اسان کان طاقت ۾، ڇا نہ ڏٺائون تہ بيشڪ الله

وڏائي ڪئي ۽ چيائون تہ طاقت ۾ اسان کان وڌيڪ ڏاڍو ڪير آهي؟ نہ ڏٺو اٿن ڇا تہ اهو الله جنهن

الَّذِيْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ (١٥)

جنهن پيدا ڪيو انهن کي اهوئي وڌيڪ آهي کانئن طاقت ۾، ۽ اهي اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

ڪين پيدا ڪيو سو طاقت ۾ کانئن وڌيڪ ڏاڍو آهي؟ ۽ (اهي) اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا.

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْٓ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيْقَهُمْ

پوءِ موڪليسون انهن تي اُري نياڳن ڏينهن ۾ جيئن چکايون انهن کي

تنهن ڪري منحوس ڏينهن ۾ مٿن سخت واءُ موڪليوسون ته کين دنيا جي حياتيءَ

عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰى

عذاب خواري جو دنيا جي حياتي ۾. ۽ البت عذاب آخرت جو وڌيڪ خوار ڪندڙ آهي

۾ خواريءَ وارو عذاب چکايون ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب ته وڌيڪ خراب ڪندڙ آهي ۽ انهن کي (ڪا)

وَهُمْ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١٦﴾ وَاَمَّا ثَمُوْدُ فَهَدَيْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰى

۽ اهي نه مدد ڪيا ويندا. ۽ پر ثمود پوءِ رستو ڏيکاريوسون انهن کي پوءِ پسند ڪيائون انڌائپ کي

مدد نه ڏبي. ۽ باقي ثمود (قوم)، سو انهن کي (سڌو) رستو ڏيکاريوسون، پوءِ هدايت کان

عَلَى الْهُدٰى فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا

هدايت تي پوءِ ورتو انهن کي ڪڙڪي عذاب خوار ڪندڙ جي سندن

انڌائيءَ کي پسند ڪيائون. پوءِ خوار ڪندڙ عذاب جي (سخت) ڪڙڪي کين پڪڙيو انهيءَ ڪري جو

ع ٢٠ / ١٦

يَكْسِبُوْنَ ﴿١٧﴾ وَنَجَّيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿١٨﴾ وَيَوْمَ يُحْشَرُ

عملن جي ڪري. ۽ بچايوسون انهن کي جن ايمان آندو ۽ پرهيز ڪندا هئا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪيا ويندا

(بچڙائي) ڪمائيندا هئا. ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا هئا تن کي بچايوسون. ۽ جنهن ڏينهن الله جا ويري

اَعْدَاۗءُ اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٩﴾ حَتّٰٓى اِذَا مَا جَاۗءُوْهَا شَهِدَ

دشمن الله جا باهه ڏانهن پوءِ اهي تولا ڪيا ويندا. نيٺ جڏهن ايندا اتي شاهدي ڏيندا

باهه ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، پوءِ (تنهن ڏينهن) اهي (سيني جي گڏجڻ تائين) ترسايا ويندا. تان جو جنهن مهل (اهي مڙيئي) اُن (دوزخ)

عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٠﴾

انهن تي ڪَن انهن جا ۽ اکيون انهن جون ۽ کلون انهن جون اها جيڪي اهي ڪندا هئا.

وٽ ايندا، (تنهن مهل) سندن ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندين کلون جيڪي اهي (دنيا ۾) ڪندا هئا تنهن جي مٿن شاهدي ڏينديون.

وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ۭ قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ

۽ چوندا پنهنجين کلن کي ڇالاءِ شاهدي ڏنوَ اسان تي، چونديون ڳالهرايو اسان کي الله جنهن

۽ پنهنجين کلن کي چوندا ته اسان تي شاهدي ڇو ڏنوَ؟ (سڀيئي) چونديون ته اسان کي انهيءَ الله ڳالهرايو

اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّهُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢١﴾

ڳالهرايو هر شيءِ کي ۽ انهيءَ پيدا ڪيو توهان کي پهرئين ڀيري ۽ انهيءَ ڏانهن کي موٽايا ويندؤ.

جنهن هر شيءِ کي ڳالهرايو ۽ انهيءَ اوهان کي پهريون ڀيرو بڻايو ۽ (وري به) ڏانهس موٽائبو.

وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ سَمْعُكُمْ وَلَآ
۽ نہ اوهان حجاب ڪندا هئا هن ڪان تہ شاهدي ڏيندا توهان تي ڪَن توهان جا ۽
۽ اوهين پنهنجن ڪَنن ۽ پنهنجين اکين ۽ پنهنجين کلن جي پاڻ تي شاهدي ڏيڻ ڪان نہ لڪندا هيَو.

اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ
اکيون توهان جون ۽ کلون توهان جون پر توهان ڀانيو هئو تہ خود الله نہ ٿو ڄاڻي
پر اوهان (ائين) ڀانيو هو تہ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن مان گهڻو (احوال) الله نہ ڄاڻندو آهي.

كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ ظَنَنْتُمْ
ڪيترين شيون جيڪي توهان پيا ڪريو. ۽ اهو آهي توهان جو گمان جيڪو توهان ڪيو
۽ اوهان جو اهو گمان، جيڪو پنهنجي پالڻهار جي حق ۾ (غلطيءَ سان) ڀانيو هيَو

بِرَبِّكُمْ اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ
پنهنجي رب ۾ هلاڪ ڪيائين توهان کي پوءِ ٿي پيا اوهين نقصان ڪارن مان. پوءِ جي صبر ڪن تہ بہ باهہ آهي
تنهن (هائي) اوهان کي هلاڪ ڪيو، تنهن ڪري (اڄ) ٽوٽي وارن مان ٿيو. پوءِ جيڪڏهن صبر ڪندا تہ (بہ)

مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَا هُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَ
رهڻ جي جڳهہ انهن لاءِ ۽ جيڪڏهن معافي گهرن تہ نہ ٿيندا معافي ڏنل. ۽
انهن جي جاءِ باهہ آهي ۽ جيڪڏهن معافي گهرندا تہ (بہ) انهن کي معافي نہ ملندي. ۽ انهن لاءِ (شيطان) سنگتي

قَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوْا لَهُمْ مَّا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ
ڀڄياسون انهن کي سنگتي پوءِ سينگارياءُون انهن لاءِ جيڪي سندن اڳيان هو ۽ جيڪي سندن پٺيان هو
مقرر ڪياسون، پوءِ جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آهي، تنهن کي انهن لاءِ (سندن سنگتين) سينگاريو

وَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ
۽ مقرر ٿيو مٿن عذاب انهن قومن سان جيڪي گذري ويون انهن کان اڳ ۾
۽ (اِنهيءَ ڪري) انهن ٽولين ۾ (گڏجي) مٿن سزا ثابت ٿي، جيڪي ڪائنن اڳ جنن ۽ ماڻهن مان

الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۚ اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ؑ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ع۱۷
جن ۽ انسان، بيشڪ اهي ٿيا نقصان وارا. ۽ چيو ڪافرن
گذري ويا آهن، بيشڪ اهي سڀ ٽوٽي وارا هئا. ۽ ڪافرن (هڪ ٻئي کي) چيو تہ

لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ ﴿۲۶﴾
نہ ٻڌو هن قرآن کي ۽ لَڙُ ڪريو ان ۾ جيئن توهان زور ٿي وڃو.
هن قرآن کي نہ ٻڌو ۽ ان (جي پڙهڻ جي وچ) ۾ لَڙُ مچايو تہ مَن اوهين غالب ٿيو.

فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ

پوءِ ضرور چکائيندا سون انهن کي جن کفر کيو عذاب سخت ۽ ضرور بدلو ڏيندا سون انهنکي

پوءِ کافرن کي ضرور سخت سزا (جو مزو) چکائينداسون ۽ جيکي تمام بڇڙو (ڪم) ڪندا هئا.

اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ

برو ان جو جيکي ڪندا هئا. اها آهي، سزا الله جي دشمنن جي

تنهن جو بدلو کين ضرور ڏيندا سون. الله جي ويرين جي سزا اها (ئي) باھ آهي، انهن لاءِ اتي

النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيْهَا دَارُ الْخُلْدِ ۖ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا

باھ، تن لاءِ اتي آهي جڳھ هميشه رهڻ جي، بدلو اُن جو ته اهي اسان جي آيتن جو

هميشه جو گهر هوندو. اِنهيءَ ڪري سزا (هوندين) جو اسان جي نشانين جو انڪار

يَجْحَدُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ

انڪار ڪندا هئا. ۽ چوندا ڪافر اي رب اسان جا ڏيکار اسان کي اهي ٻئي

ڪندا هئا. ۽ ڪافر چوندا ته، اي اسان جا پالڻهار! جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراھ ڪيو.

اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا

جن گمراھ ڪيو اسان کي جن ۽ ماڻهو ته ڪريون انهنکي هيٺان پنهنجن پيرن ۾ جيئن ٿين

سي اسان کي ڏيکار ته کين پنهنجن پيرن جي هيٺان هن ڪري لتاڙيون ته ٻلي ته (سڀ ڪان)

مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا

تمام هيٺين مان. بيشڪ جن چيو پالڻهار اسان جو الله آهي پوءِ مضبوط ٿي بيٺا

هيٺاهان هجن. بيشڪ! جن چيو ته اسان جو پالڻهار الله آهي، وري (ان ڳالھ تي) پڪا ٿي بيٺا

تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا

ته لهندا انهن تي ملائڪ (چوندا) نه ڊڄو ۽ نه ڏک ڪريو ۽ مبارڪ اٿوَ

تن تي (موت وقت رحمت جا) ملائڪ لهندا آهن (چوندا اٿن) ته (هاڻي) نه ڊڄو ۽ نڪي ڳڻتي ڪريو ۽ انهيءَ بهشت

بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿٣٠﴾ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي

ان بهشت جي جنهن جو توهان سان انجام هيو. اسين دوست آهيون توهان جا

(جي خوشخبريءَ) سان خوش ٿيو جنهن جو اوهان کي وعدو ڏنو ويندو هو. اسين دنيا جي حياتيءَ ۾ اوهان جا

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ

دنيا جي حياتي ۾ ۽ آخرت ۾، ۽ توهان لاءِ اتي اهو آهي جيڪي چاهين توهانجون دليون

دوست هئاسون ۽ آخرت ۾ به (اوهان جا دوست آهيون)، ۽ جيڪي اوهان جو جيءُ خواهش ڪندو سو اوهان لاءِ منجهس آهي

ع ٤٧ ١٨

وَلَكُمْ فِيهَا مَا تَدَّعُونَ ﴿٣١﴾ نُزُلًا مِّنْ غَفُورٍ رَّحِيمٍ ﴿٣٢﴾ وَ

۽ توهان لاءِ اتي آهي جيڪي گهرايو. اها مهماني آهي بخشڻهار مهربان طرفان. ۽

۽ جيڪي اوهين گهرندؤ سو (پڻ) اوهان لاءِ منجهس آهي. (اها) مهماني بخشڻهار مهربان (الله) وٽان آهي. ۽

مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ

ڪير زور سٺو آهي ڳالهائڻ ۾ ان کان جنهن سڏيو الله ڏانهن ۽ ڪيائين ڪم چڱا ۽ چيائين

انهيءَ کان وڌيڪ ڳالهه ۾ ڀلو ڪير آهي، جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ (پاڻ به) چڱو ڪم ڪيائين ۽ چيائين

اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ۭ

يقينن آءٌ مسلمان آهيان. ۽ نه ٿي برابر ٿئي چڱائي ۽ نڪي بڇڙائي،

ته بيشڪ آءٌ مسلمانن مان آهيان؟ ۽ نيڪي ۽ بدي (پاڻ ۾) برابر نه آهن جا نيڪي، ڏاڍي چڱي

اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ

ٽار انهيءَ سان جا زور سٺي آهي، پوءِ ان وقت اهوئي جو تنهنجي ۽ ان جي وچ ۾ هوندي دشمني

هجي، تنهن سان (مدائيءَ کي) ٽار! پوءِ اهو (ماڻهو) جو انهيءَ جي ۽ تنهنجي وچ ۾ دشمني آهي،

كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ﴿٣٤﴾ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَ

ڄڻڪ دوست آهي دل گهريو. ۽ نه ڏنو ويندو اهو مگر صبر وارن کي، ۽

سو جهٽ پٽ ڄڻڪ دل گهريو دوست ٿي پوندو. ۽ اها ڳالهه صابرن کان سواءِ ٻئي کي حاصل نه ٿيندي آهي ۽

مَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿٣٥﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ

نه ڏنو ويندو اهو مگر ڀاڳ وڏي واري کي. ۽ جيڪڏهن ڇُهي توکي

نڪي وڏي نصيب واري کان سواءِ (ٻئي کي) اها حاصل ٿيندي آهي. ۽ جيڪڏهن توکي شيطان

الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٦﴾

شيطان کان ڪو وسوسو ته پناهه وٺ الله جي، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

جو (دل ۾ ور وٺڻ لاءِ) ڪو وسوسو ڇيي ته الله جي پناهه گهر، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ۭ لَا تَسْجُدُوْا

۽ ان جي قدرتن مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن. نه سجدو ڪريو

۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن. نڪي سج کي ۽

لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ

سج کي ۽ نه چنڊ کي ۽ سجدو ڪريو الله کي جنهن خلقيو انهن کي جي

نڪي چنڊ کي سجدو ڪريو ۽ انهيءَ الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن کي خلقيو، جيڪڏهن

كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ۝۳۷ فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ عِنْدَ
اوهين ان جي ئي عبادت ڪريو ٿا. پوءِ جيڪڏهن وڏائي ڪيائون تہ اهي جيڪي تنهنجي
خاص سنديس عبادت ڪندا آهيو. پوءِ (اي پيغمبرا) جيڪڏهن وڏائي ڪن تہ (ڇا ٿيو؟) جيڪي تنهنجي

رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْـَٔمُوْنَ ۝۳۸ السّجدة
پالڻهار وٽ آهن پاڪائي پڙهن ٿا ان جي رات جو ۽ ڏينهن جو ۽ اهي نہ ٿا ٿڪجن.
پالڻهار وٽ آهن سي رات ۽ ڏينهن سندس تسبيحون چوندا آهن ۽ اهي نہ ٿڪبا آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا
۽ ان جي قدرتن مان آهي جو تون ڏسين ٿو ڌرتيءَ کي نماڻي پوءِ جڏهن وسايون ٿا ان تي
۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان هيءَ (بہ) آهي جو زمين کي وسائيل ڏسندو آهين، پوءِ جڏهن مٿس (مينهن جو) پاڻي وسايوسون

الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ ۭ اِنَّ الَّذِيْٓ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۭ اِنَّهٗ
پاڻي تہ تازي ٿئي ٿي ۽ اڀري پئي ٿي، يقينن جنهن جياريو ان کي اهوئي جيارينڌڙ آهي مئلن کي، بيشڪ اهو
(تڏهن) آبامي پيئي ۽ سُجي (اڀري) پيئي. بيشڪ جنهن انهيءَ (زمين) کي جياريو آهي، سو ضرور مئلن کي (بہ) جيارڻ وارو آهي.

عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۳۹ اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا
هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ آهي. بلاشڪ جيڪي موڙ تا ڏين اسان جي آيتن ۾
بيشڪ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي. بيشڪ جيڪي اسان جي آيتن ۾ ڏنگائي (الحاد) ڪندا آهن.

لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ۭ اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا
اهي لڪل ناهن اسان تي، ڇا پوءِ جيڪو اڇليو وڃي باهہ ۾ اهو چڱو آهي يا جيڪو ايندو امن سان
سي اسان کان ڳجها نہ آهن. ڀلا جيڪو باهہ ۾ وجهبو سو ڀلو آهي يا جيڪو قيامت جي ڏينهن امن وارو ٿي ايندو؟

يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِعْمَلُوْا مَا شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝۴۰
قيامت ڏينهن، ڪريو جيڪي اوهان کي وڻي، بيشڪ جيڪي ڪريو ٿا اهو ڏسندڙ آهي.
جيڪي وڻيو سو ڪريو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو، سو اهو (الله) ڏسندڙ آهي. بيشڪ جن قرآن جو

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ ۝۴۱ لا
اهي جن انڪار ڪيو قرآن جو جڏهن آيو انهن وٽ، ۽ بيشڪ اهو ڪتاب آهي زبردست.
(انهي وقت) انڪار ڪيو جڏهن وٽن آيو (سي اسان کان ڳجها نہ آهن). ۽ بيشڪ اهو (اهڙو وڏو) سگورو ڪتاب آهي.

لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ۭ تَنْزِيْلٌ
نہ ٿو اچي ان وٽ ڪوڙ اڳيان ان جي ۽ نڪي پٺيان ان جي نازل ٿيل آهي
جو نڪي ان جي اڳيان ۽ نڪي ان جي پويان ڪوڙ داخل ٿيندو آهي، حڪمت واري ساراهيل (الله جي پار) کان

السّجدة ۱۱

مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ ﴿۴۲﴾ مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ

دانائَ ساراهہ ڪيل طرفان. رڳو چيو ٿو وڃي توکي جيڪي چيو ويو رسولن کي

لاٿل آهي. (اي پيغمبرا) توکي انهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجهہ نہ چئبو آهي، جيڪي توکان اڳ (ٻين) پيغمبرن کي چيو ويو هو.

مِنْ قَبْلِكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۴۳﴾ وَلَوْ

توکان اڳ ۾، بيشڪ تنهنجو رب معافي ڏيڻ وارو ۽ سزا دردناڪ ڏيڻ وارو آهي. ۽ جيڪڏهن

بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشش وارو (بہ) آهي ۽ ڏکوئيندڙ سزا ڏيڻ وارو (بہ) آهي. ۽ جيڪڏهن ان (ڪتاب) کي عجمي (يعني عربيءَ

جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعْجَمِيٌّ

ڪريون ها اهو قرآن ٻي ٻوليءَ ۾ ضرور چون ها ڇو نہ صاف ٻڌايون ويون آيتون ان جون، ڇا ٻولي اوپري

کان سواءِ ڌاري ٻوليءَ ۾) قرآن ڪريون ها تہ ضرور (ڪافر) چون ها تہ سندس آيتون ڇو نہ کولي بيان ڪيون ويون آهن؟ ڀلا (قرآن) عجمي (ٻوليءَ ۾)

وَّعَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ

۽ ماڻهو عربي! چؤ اهو ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ ڇوٽڪارو آهي، ۽ جيڪي

۽ (ٻڌڻ وارا) عربيءَ (ٻوليءَ) وارا آهن (سو ڇو)؟ (اي پيغمبرا ڪين) چئو تہ، اهو مؤمنن لاءِ هدايت ۽ شفا آهي ۽ جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ اُولٰٓئِكَ

ايمان نہ ٿا آڻين انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙاڻ آهي ۽ اهو انهن تي انڌائپ آهي، اهي

نہ مڃيندا آهن تن جي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي ۽ اهو (قرآن) مٿن انڌائي آهي. اهي (اُنهن وانگر آهن جو)

يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍ بَعِيْدٍ ﴿۴۴﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

سڏيا وڃن ٿا پري جڳهہ کان. ۽ ڏنوسون موسىٰ کي تورات

ڄڻڪ ڏوراهين هنڌ کان سڏيا ويندا آهن. ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون، پوءِ منجهس اختلاف

فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ

پوءِ اختلاف ڪيو ويو ان ۾، ۽ جي نہ ڳالهہ اڳي گذري ها تنهنجي رب جي تہ هوند فيصلو ٿي وڃي ها

ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار کان حڪم اڳاٽو نہ ٿئي ها تہ سندن وچ ۾ ضرور نبيرو ڪيو وڃي ها.

بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۴۵﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا

انهن ۾، ۽ بيشڪ اهي شڪ ۾ آهن ان کان پريشان ڪندڙ ۾. جنهن ڪم ڪيو چڱو

۽ بيشڪ اهي کانئس وڏي شڪ ۾ (پيل) آهن. جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ (ڪندو)

فَلِنَفْسِهٖ ج وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۴۶﴾

پوءِ اهو پنهنجي لاءِ اٿس ۽ جنهن برائي ڪئي پوءِ اها ان تي پئي، ۽ ناهي تنهنجو رب ظلم ڪندڙ ٻانهن تي.

۽ جيڪو مدا ڪم ڪندو تن تي (ٿي ان جو نقصان) آهي ۽ تنهنجو پالڻهار ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي.

قرأ حفص بتسهيل الهمزة الثانية ۱۲

ع ۵ / ۱۹

